Bew

پیارے جگدیش بھاٹیہ کے
لئے

تاجل بیوس
5.12.92

B-8(194)

سرجيندڙ ساڏيهہ جا

تاجل بيوس

سنگم پبليڪيشنس
٣٧- يوني پلازا، آءِ- آءِ- چندريگر روڊ
ڪراچي- سنڌ

جيجل ماءُ، مٺڙي امڙ

”ٻناهه خاتونءَ“ جي نالي، جنهن کير- پيت ڪارائي، وڏو ڪرڻ سان گڏ، اسان ٻـن ڀيڻ- ڀاءُ، مان ۽ ٻئي خاتونءَ کـي ساڻ ڪري سنڌو- جـل ۾ مڪتا طور ڪنيءَ جـون مٿيون آچلائـي، سنڌي هجڻ جو پهريون سبق ڏنو هو.

— تاجل بيوس

سنگم پبليڪيشنس جو (25) ڪتاب

ڪتاب:	سرجيندڙ ساڻيهہ جا
شاعر:	تاجل بيوس
موضوع:	بيت (شاعري)
ڇپائيندڙ:	ڪرم الاهي چنا سنگم پبليڪيشنس ٣٧- يوني پلازا، آءِ- آءِ- چندريگر روڊ ڪراچي-سنڌ
ڪمپوزنگ:	خواجہ تنويراحمد
ڇاپيندڙ:	مدثر پريس- حيدرآباد
ٽائيٽل:	فتاح هاليپوٽو
ڇاپو پهريون:	آڪٽوبر ١٩٨٥ع
قيمت:	ٻارهن روپيہ

Book : SARJEENDAR SAANEH JA
(Builders of Motherland)

Subject:	POETRY
Poet:	TAJAL "BEWAS"
Published by:	KARAM ILLAHI CHANNA SANGAM PUBLICATIONS 37-UNI PLAZA, I. I. CHUNDRIGAR ROAD, KARACHI-SINDH.
Printed at:	MUDDSAR PRESS, HYD.
First Edition:	OCTOBER 1985
Price:	12-00

فهرست

سر جو نالو	صفحو	بيت نمبر
* سر سرجيندڙ ساٿيهه جا	19	1 کان 162
* سر ڏهر	51	163 کان 225
* سر پورب	64	226 کان 255
* سر آديسي	70	256 کان 288
* سر مارئي	77	289 کان 325
* سر آسا	85	326 کان 343
* سر پرڀاتي	89	344 کان 349
* سر يمن ڪلياڻ	91	350 کان 369
* سر ڪاهوڙي	95	370 کان 414
* سر گهاتو	104	415 کان 431
* سر سورٺ	108	432 کان 442
* سر سارنگ	111	443 کان 456
* سر ڪيڏارو	114	457 کان 491
* لطيف ڏانهن	121	492 کان 500

پبلشر نوٽ

اداره سنگم پبليڪيشنس جو 25 نمبر ڪتاب ”سرجيندڙ ساٿيهه جا“ حاضر آهي. هي ڪتاب سنڌ جي مشهور ۽ مقبول عوامي شاعر، سائين تاجل بيوس جي چونڊ 500 بيتن جو مجموعو آهي.

هنن بيتن ۾ تاجل، فطرت ۽ ساٿيهه جي هر چرندڙ پرندڙ ڪردار سان سچ ۽ سياٽپ پريون ڪچهريون ڪيون آهن ۽ پڻ، جيون جي فلسفي ۽ جديد ادب بابت انقلابي قدرن جو ڀرپور نموني اظهار ڪيو آهي.

هن کان اڳ تاجل بيوس جا ٻه ڪتاب ”جڏهن پون ۽ ٻٽي“ (شاعري) ۽ ”انبن جهليو ٻور“ (شاعرانو نثر) هن ئي اداري طرفان ڇپجي چڪا آهن جيڪي تمام گهڻو پسند ڪيا ويا ۽ ”انبن جهليو ٻور“ جو هڪ سال اندر ٻيو ايڊيشن ڇاپڻو پيو.

وڌيڪ ته، هن پروگرام تحت اسانکي تاجل بيوس جا في الحال 2000 بيت ڇاپڻا آهن. انهن مان 500 بيت هن ڪتاب ۾ ڏنل آهن، جڏهن ته باقي 1500 ڏاهپ ڀريا بيت جلدئي پيش ڪيا ويندا.

چڱو سات سلامت

سڪ مان

ڪرم الاهي چنا

آڪٽوبر 1985ع

نہ ڏنگيون، نہ درياءُ - نہ سي ماڻهو ماڳ ڄا
ناهي ڪٿهن نگر ۾، جوين ڪي ڄڻاءُ
ويو لٽي واءُ - پيرا پاڻيارين ڄا

O

ڏوڏا! ڏمڻ ڇوڙ - اڳر پاڻ ۾ آڳ ۾
ڳهلا! اِنهيءَ ڳن ڄا، ڏوڙها مڙئي ڏوڙ
لوچڻ ڏاران لوهہ ۾، پاڻي ڪين ولوڙ
جوڙ اُهائي جوڙ - جيئن لهس نہ اچي لوهہ ڪي

O

ڏوڏا! ڪر ڏيان - لوچ نہ لاون آسري
آڻي اڳر ڪانڌڻان، دلبر! پر ڏڪان
تہ ان پر ٿئي آسان - لوچڻ تنهنجو لوهہ ۾

O

ڏوڏا ڏڪائي! لوچ م لاون آسري
وڄهہ ڪي اڳر آڳ ۾، سچا سچائي
ڪنن - ڪر ڪونار ۾، پرتي وڄهہ پاڻي
هٿوڙو هاڻي - ڪڍ وهائي ڪير تي

سنڌوءَ ساماڻي، سرجيو ٻـوتو سنڌ ماڻ
ڍڳي ڪايا ”ڪين“ جي، آدم جي آئي
مارڳ موڪائي، سگر وتوسـين سنڌ جو

O

سيان ٽيـنـــدين سنـرو، دادلا دريــاهه!
ساڻي ٽيندي سنڌڙي، سرها ٽيندا ساهه
ميان! ٻارهين ماهه ـ پوندءَ ڪن ڪپار ۾

O

دانهن ڪري درياهه ـ ويو گذاري راتڙي
سڪو پاڻي سر جو، گذر جـت گناهه
ميهر پنهنجـو ماهه ـ آڇي آسـارن کي

O

درياءَ ڪئي دانهـــن ـ پسي وڍ وڏـــن ۾
”ڪپر منهنجو ڪنڌ آ، ٻيلو منهنجي ٻانهن“
ڪلها جنهنجا ڪانهن ـ آءُ تہ پسون ان کي

تاجل بيوس

آکيرو ارواح جو

ٽيگور چيو آهي ته ادب تخليق ڪرڻ ذرا ڏکيرو ڪم آهي. هو چوي ٿو: ”سچ ۽ حسن جي ڳولها لاءِ سڀ کان اول ”انانيت“ (مان) جي خول مان ٻاهر نڪرو، مڪڙيءَ جيان مرڪي ڳل ٻڌجڻ تائين واري منزل طئي ڪيو ۽ پوءِ ڏسو ته، هوا، روشني ۽ پاڻي ڪيترا وڻندڙ، لطيف ۽ اُجرا ٿا لڳن.“

ٽيگور جي مٿين پرک سندس بالغ شاعريءَ تائين رسڻ کان پوءِ جو فيصلو آهي. اهڙو اظهار هڪ اُهو شاعر يا اديب ئي ڪري سگهي ٿو، جنهن زندگيءَ جي رازن ۽ رمزن کي پليءَ پٽ پرکي ورتو هجي، جنهن کي عظيم فن تخليق ڪرڻ جو ڳس مليل ڏنو هجي، جنهن جي ذهن ۽ شعور تي ماڻهوءَ جي حسن جو پورو پورو قبضو هجي، جنهن وٽ پختو يقين هجي ته ساز ۽ آواز جي لئي تي ڪنهن ڏاتار جي سر وڌي اچڻ کان بهتر

صحت نامو

صفحو	بيت	سٽ	غلط	صحيح
20	7	2	پائی	پاتئي
21	14	1	ميان! ويهه	ويهه ميان!
26	42	1	سيٽو	سٽيو
35	87	3	ميان	مٿان
36	91	2	اڄ	ميان
36	93	2	ڪرڙ	ڪوڙ
37	99	2	ساهي ان سانداڻ ڪي	ڏئين ان ڏمڻ ڪي
39	110	1	ڪڙ	ڪر
40	113	4	تڪيندء	ڏ ڪيندء
47	150	2	جي	جني
54	179	2	تاتو	پاتو
55	181	1	تن	تني
55	184	3	ڏهر	وڻڪار
60	208	2	سنڌوء	سنڌ
62	220	1	اچي	اچئي
64	226	3	ڪوليو	ڪولين
66	241	1	تلور	تور
70	257	1	اوڍ	آوڏ
71	260	3	اچي	اچن
87	337	2	مامر	مامر جو
89	347	1	اڌ	اڍ
93	360	1	مڪويء	موڪيء
101	400	1	گوڙا	گهوڙا

ڪيس علمن جو بادشاهه ڪري سڏيو آهي، جنهن ۾ شاعر نه فقط رستو ٿو ڏيکاري مگر رستي جي آسپاس وارو ماحول ۽ دلڪش منظر به ڏيکاريندو ٿو هلي، جيئن منزل تائين رسڻ لاءِ شوق، ڪشش ۽ دلبري پيدا ٿئي. جيڪڏهن منزل ڏانهن وينديون، اسان جو رستو ڪنهن انگورن جي باغ مان ٿو گذري، ته سڀ ڪان پهريائين شاعر اسان کي انگورن جا ڇڳا ٿو آڇي، جيئن انگورن جو سواد وٺي اسان اڳتي وڌي سگهون. ماحول ۽ ڏاهپ جي ڳالهه ڪري ميٿيو آرنلڊ جڳ ته سڀني جي پنيرائي ڪئي آهي. مختلف وقتن ۾ شاعر کي، انسان ۽ انسان جي زندگيءَ جي جنهن به رخ متاثر ڪيو آهي ته هن خالق (شاعر) اُن رخ کي ڀرپور طريقي سان شاعريءَ ذريعي پڻ عام ڪيو آهي. اٿليءَ جي رهاڪو ڪروچي کي جماليات وارو روپ وٺي ويو، جنهن ڪيس وڏ ۾ وڌ متاثر ڪيو. ورڊ سورٿ، ٽالسٽاءِ ۽ ڊانتي ڳوٺاڻي ماحول ۽ ڳوٺاڻي زندگي کي ترجيح ڏني.

هتي اسان کي مٿئين بحث ۾ ٽنڪ اٽڪائڻي ڪانهي. وقت ۽ ماحول جي تقاضائن مطابق شاعرن شاعريءَ جي گهڙ - پاسائين حقيقتن جي پڻ وضاحت ڪئي آهي. شاعر حساس آهي، ان ڪري شاعريءَ ذريعي سندس احساس ۽ جذبن جي هر دؤر ۾ پڻ ارتقا ٿي آهي. مگر موتي پاڻ کي وري به ساڳئي مرڪزي نڪتي

آهي، اُن ساز ۽ آواز جي مشق تي ڪنهن جسم ۾ رت
جا ٻه-چار ڦڙا پيدا ڪرڻ. جيڪڏهن ائين نه هجي ها
ته پوءِ يونان جو فلسفي ارسطو، شاعر کي تاريخدان
کان ڪڏهن به مٿاهين حيثيت جو مالڪ نه سڏي ها،
جنهن چيو آهي ته شاعري آفاقي حقيقتن جي سچي اپٽار
آهي ۽ تاريخ ڪن خاص ۽ گهٽي ياگهي غير جمهوري
صداقتن سان واسطو رکي ٿي. تاريخ گذريل واقعن ۽
حالتن تان پردو هٽائي، انهن واقعن ۽ حالتن کي پيش
ڪري ٿي. پر شاعر هڪ اهڙي دنيا کي تخليق ڪرڻ
۾ سرگردان رهي ٿو، جتي امن ۽ سچ جو واهپو هجي.
جنهن جي سر فلپ سڊنيءَ به تصديق ڪئي آهي،
اُن چيو آهي ته شاعر هڪ اهڙو تخليق ڪار آهي
جيڪو هڪ نئين فطرت کي ويهي جوڙي ٿو. جيڪڏهن
ائين نه هجي ها ته پوءِ عيسوي سن جي شروعات کان
اڳ سال اڳ لاڏاڻو ڪري ويندڙ روم جو رهاڪو،
مهان ڪوي، هوريس ”ادب برائي زندگي“ جو ڪڏهن
به هوڪو ڪين ڏئي ها، جنهن پڌرنامي جي تصديق
ٻن هزارن سالن کان پوءِ عيسوي اُڻويهين صدي جي
آخر ۾ ٽالسٽاءِ اچي ڪئي. شاعريءَ جي بلندين ۽
آفاديت کي پرکي، قديم يونانين، شاعريءَ کي مڙني
علمن ۾ مٿاهون درجو ڏنو، ايتري قدر جو هنن شاعرن
کي ديوتائن جو درجو ڏئي ڇڏيو. ورڊسورٿ شاعريءَ
کي سڀني علمن جو روح ڪوٺيو، ته وري فلپ سڊنيءَ

جانور، درياءَ، آبشار، سمنڊ، لهرون، بادل، چنڊ، ستارا، سج، ۽ پهاڙ وغيره آهن. جيئن ته انسان ۽ فطرت ۾ سواءِ شعور ۽ جبلت جي ٻيو ڪو خاص فرق مون کي نظر ئي ڪونه ايندو آهي. شاعريءَ ۾، خاص ڪري هن ڪتاب ۾ آيل شاعريءَ ۾ مون علامتن کان ڪم ورتو آهي، جنهن جا خاص سبب وقت ۽ ماحول جو احترام ۽ شاعرائي اک جو مشاهدو ۽ ڪجهه زندگيءَ جا تجربا ٿي سگهن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن حدبندين ۽ نڪتل لڪيرن جي مجبوريءَ کان سچ ۽ سونهن جو اظهار علامتن ذريعي به ڪيو آهي، جو مون به ڪيو آهي. پر هروڀرو اهڙي مجبوري به ڪانهي ڇو ته فطرت جو مشاهدو ۽ مطالعو علامتي شاعريءَ جو هر جواز پيدا ڪري ڏيڻ لاءِ، مون لاءِ هر دفعي اڳرو ۽ اڳواڻ رهيو آهي. مون جڏهن به ڪنهن وڻ ڏانهن گهوري ڏٺو آهي، ڪنهن جو ڦرندڙ چڪ ڏٺو آهي يا اک جي ڪانيءَ کي به تڪرا ڪري جائزو ورتو آهي، ته منهنجي ذهن ۽ شعور ۾ علامتن ۽ سندن انيڪ عڪسن پئي واسو ڪيو آهي. ڪنهن پيپر مان ڇٽندڙ پيلي پن تي ويهي سوچيو ته زندگيءَ جي حوالي سان ڪيترائي نتيجا نڪري ايندا. سندس جهري پوڻ جو اسان هي نتيجو به ڪڍي سگهون ٿا ته پنهنجي جياپي لاءِ خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ پنن کي ٿارين يا ٽڙن جو محتاج ٿيڻو ٿو پوي. سندس واسطو سڌو سنئون

تي اچڻو پوندو ته شاعر تخليقن ذريعي زندگيءَ کي حسين بڻائڻ ۽ منجهس چرپر ۽ تازگي پيدا ڪرڻ لاءِ گهڙو گس ورتو آهي. جنهن لاءِ ڪڏهن ورڊ سورٿ، ايملي، سارتر، ايليٽ، گورڪي، ڪيٽس، پشڪن جا نالا ونڻا ٿا پون ته ڪڏهن به ادائي هزار سال ماضيءَ ۾ ٽپي هٽي انساني جذبن جي اظهار جا سهڻا ۽ لاجواب مثال يونان ۽ روم جي ڇاپن ارسطو، سقراط، افلاطون ۽ هوريس کان طلب ڪرڻا ٿا پون.

عظيم ۽ ڪلاسيڪي ادب جو اهو ڪافي ثبوت آهي جو اسين اهڙي ادب ذريعي اڄ سوڌو ماضيءَ سان ڳنڍيل هجون ٿا. قديم يونانين جو شعور اڄوڪي شعور جي ڀيٽ ۾ ڪچڙو آهي، پر پوءِ به سندن تخليق ڪيل فن ۽ ادب ايڏو ته حسين ۽ موهيندڙ آهي جو پڙهڻ سان ۽ ڏسڻ سان اسان کان چرڪ نڪريو وڃي، جنهن جو خاص سبب اهو وڃي ٿيندو ته وقت جي تبديليءَ ڪري ادب ۽ شاعريءَ جا فقط قدر مٽيل آهن باقي مجموعي طور مرڪزي نڪتو ساڳيوئي آهي.

شاعريءَ ۾ علامتن ۽ اشارن کي استعمال ڪرڻ ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. مون به هن ڪتاب ۾ آيل شاعريءَ ۾ ڪافي حد تائين علامتن ۽ اشارن کان ڪم ورتو آهي. انسان ۽ فطرت به اهي وٿون آهن جن کي هڪ ٻئي کان ڇني ڌار ڪرڻ ويساهه گهاتي ۽ اخلاقي گناهه تو سمجهان. فطرت مان منهنجي مراد وڻ، پوٽا، پکي،

پاسن ڪان هوا ۾ نيلوفر جي گلن ڪي رقص ڪندي ڏٺو آهي. آجري ۽ نيري پاڻيءَ تي پکين کي لهندو ڏٺو آهي ۽ اتان هڪ شرميلي گهونگهٽ کي پاڇاھ مٿي ڪندي لنگهندي ڏٺو آهي ۽ اهو سڄو منظر پنهنجي نظم ۾ ويهي چٽيو اٿس. ته پوءِ اُن نظم تي تنقيد ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته نقاد کي نه فقط تنقيدي اصولن ۽ ادبي قدرن کان واقف هئڻ گهرجي پر اهڙي منظر جو ڪيس به مشاهدو هئڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ اُن نقاد لاءِ تنقيد ڪرڻ ڪچائي ۽ ٺڪائي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. سندس اک به ايتري ئي تيز ۽ جاذب هئڻ گهرجي جيتري اُن شاعر جي. ٻيءَ صورت ۾ تارازيءَ جا پڙ هيٺ مٿي ٿي پوندا. شاعر جي ادبي وکر جو قدر ۽ قيمت ناانصافيءَ جو شڪار ٿي ويندو. منهنجو اهو مقصد ڪڏهن به نه آهي ته ڪو هرونڀرون مشاهدو ئي شاعر کي عظمت جي بلندين تائين وٺي وڃڻ لاءِ ڪافي آهي. مشاهدن جي تلاءَ تي لازمي طور اسان کي مطالعي ۽ تجربن جا به وڻ پوکڻا پوندا.

مون ڪيترن شاعرن وٽ تخليق ۽ تخليق جي ذات ۽ ذانءَ جا وڻا، ته ڪيترن وٽ مٽ پربل ڏٺا آهن، پر ڪنهن ڪنهن جو ذهن ۽ شعور هماليه جي آبشارن ۽ لڪيءَ جي چشمن وانگر به پاسيو آهي، جنهن جي

ڏرتيءَ سان هجي ها ته پڻ ڪي هوند نه پنهنجي برادريءَ
کان ڇڄي ڌار ٿيڻو پوي ها ۽ نه ڦيراڻين جو ئي شڪار
ٿئي ها.
مون ڏيڏرن ۽ نانگن سان به ڳالهيون ڪيون آهن.
چنڊولن ۽ چڙن سان ڪچهريون ڪيون آهن. پر سوچيو
ته اهي ڪچهريون ۽ ڳالهيون تنهنجون ۽ منهنجون
ڪري پونديون.
شاعر جو نقاد هجڻ به ايترو ئي لازمي
آهي جيترو سنڌس شاعر هجڻ. مون ادب جا ٿورا گهڻا
تنقيدي جائزا پڙهيا آهن ۽ نقاد کي جذبات ۽ ذاتيات
جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ ڪانوڻي ڪيس حقيقت پسندي
۽ ڏاهپ پرين تنقيدن تائين ڏنو آهي. ڪڏهن ته نقاد
جي گهري مشاهدي ۽ تجربي کي پڙهي مونکي پنهنجن
ذاتي اوڻاين، اڻوڳابيري مشاهدي ۽ غير ادبي جائزي
تي ڦڪو ٿيڻو پوندو آهي ۽ اُن وقت لطيف سائين جي
لفظن ”آڇيندي لڄ مران“ کي ياد ڪندي، ڪنڌ جهڪائي
ڇڏيندو آهيان. پر ڪي تنقيدون اهڙيون به نظر مان
گذريون آهن جنکي پڙهي پاڻمرادو کلي ڏيندو آهيان ۽
چوڻو پوندو ته نقاد لاءِ انسان ۽ فطرت جو اونهو مشاهدو
۽ اڀياس به اوترو ئي ضروري آهي جيترو شاعر لاءِ.
شاعر رڳو تخليق ڪار آهي. نقاد کي تخليقن جو تخليق
ڪار بڻجڻو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شاعر صبوح جو
پسار ڪندي ڪنهن ڏينهن جو نظارو ڏنو آهي. ڏينهن جي

ٿيءَ تال ڪان ڪنڌ ۾ پاڙ-مرادو هلچل ۽ ڪاٻي ساڃي چرپر پيدا ٿيو پوي. اٿين جيئن مـهان موسيقار نوشاد جي نغمن ٻڌڻ وقت اسانجا ڪـنڌ رقص ڪرڻ لڳندا آهن. اهو اسان لاءِ ڪافي جواز آهي ته اسان لطيف کي هڪ عظيم شاعر ڪانسواءِ عظيم موسيقار به سڏي سگهون. دنيا جو ڪوبہ اهڙو شاعر ڪونهي جنهن سرگـم جي سرن کي شاعريءَ ۾ سمايو هجي ان لاءِ هڪ ٻہ مثال هيٺ پيش ٿو ڪيان:

وطن ريءَ ويهي- جي مون گهاريا ڏينهڙا

و ط ن ري ءَ وي هي ست ماترائون

سا ري گ م پ ڌ ني ست ماترائون

جي مون گها ريا ڏين هہ ڙا

ني ڌ پ م گ ري سا

گورا وچن گام- ڏيرن سندي ڏيهہ تي

گو را و چ ن گا م

سا ري گ م پ ڌ ني

ڏي رن سن دي ڏي هہ تي

ني ڌ پ م گ ري سا

نہ رکيو بيتن ۾ ٻہ واين جي ٻہ سا ڳيئي جوڙجڪ آهي.

تخليق واري ٿانءَ ۾ زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين به شعر چلڪندو نظر آيو آهي. مون ڏٺو آهي ته شاعر اهڙي موڙ تي به پهچي ٿو جڏهن شاعري ۽ ذات جي ماءُ سنڌ ٿيو وڃي.

نه رڳو ايترو پر مون اهو به پروڙيو آهي ته سنڌ ـ ڌرتيءَ تي ڪي اهڙا شاعر به پيدا ٿيا آهن جيڪي جيئن پوڙها ۽ جهور ٿيڻ لڳا آهن تيئن سندن شاعريءَ ۾ موڪيءَ جي مٽن وارو خمر ۽ لالائي پئي پيدا ٿي آهي.

لطيف سهڻي جي بيتن بابت هڪ نوس راءِ قائم ٿيل آهي ته سندس بيت پڙهڻ وقت موسيقيت جي اثر ڪري گهڻو ڪري هر پڙهيل توڙي اڻ ـ پڙهيل ڪـي ڪنڌ ڌوڻيندي ڏٺو ويندو آهي. هارمونيم جي سبقن تي آڱريون هلائيندي آءٌ اُن ڪنڌ ڌوڻائيندڙ حقيقت کي ڳولهي لهڻ جي ڪوشش ۾ هن حقيقت تي پهتو آهيان ته لطيف جي شاعريءَ جو تاجي ـ پيٽو ۽ بنياد موسيقيءَ جي سٽن سرن تي ٻڌل آهي جنهن جي هرهڪ پد ۾ سرگم جا ست ئي سر ڪتب آيل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي مٿين ”سا“ به اچيو ملي ۽ سٽن مان اڻ سر به ٿيو پون ۽ پنهي پدن يعني هڪ سٽ ۾ سرگم جا چوڏهن يا سورنهن سر اچيو وڃن ۽ اهڙيءَ طرح آروهي ۽ امروهي واري سرگم جي هڪ چڪر ۾ موسيقي جا چوڏهن يا سورنهن ئي سر پورا ٿيو وڃن ۽ بيت پڙهندي موسيقـيءَ جي

سُر

سُرجيندڙ ساڻيهہ جا

(1)

سنبر سريگر! ڪري ڪارڻ ڪِڇ ۾
مٿي هن مهاڳ جي، جر ڪائي آ جر
سرجي من ڪاسر - جا پاهڻ کي پرزا ڪري

(2)

سريگر سنبريو - ڪري ڪارب ڪِڇ ۾
پوچارو پيٽ جو، ڇيڪيءَ ڪيو ڇريو
جڏهن ڪير ڪريو - ٿو واريءَ وچاڏا ڪري

(3)

سريگر سرون - ايندي ڏسي اڪيليون
پڇي پيس پرون - پسي سگهہ سرن جي

(4)

اچي اڪيليون - سريگر صبوح جو
سرون سريگر جون، پري پيون پيليون
سرون سچيليون - سرجن تان سرهي ٿيان

(5)

چارن ائين چيو - آهي سگهہ سرن جي
ڪن ڏنو مان مٿيءَ ڪي، ڪو پاڻيءَ تي پڏيو
ايءُ هٿن ڪم ڪيو - تڏهن ويٺي پيٽ بنياد تي

ٽڙ نهاريان تي.

ٽ ڙ ن ها ر يان تي

سا ري گ م پ ڌ ني

ڪنڌي ساريان ڪانه.

ڪن ڌي سا ر يان ڪا نه

سا ري گ م پ ڌ ني

مان ڪو راڳداريءَ جو ماهر ناهيان. مون ڪي لطيف جا بيت جهونگاريندي، بس اها ڏاهه ۽ ڏس مليو آهي جيڪو لطيف جي پڙهندڙن تائين پهچايان ٿو ته جيئن مٿس وڌ ۾ وڌ ڪوجنا ڪري، ڪن نوس نتيجن تي پهچجي. مان ڪنهن به طرح پنهنجي راءِ ٻئي تي مڙهڻ جو قائل ناهيان.

"سرجيندڙ ساڻيهه جا" ۾ پنج سؤ بيت آيل آهن جنهن جو سنگم پبليڪيشنس جي جلد جان. ڪرم الاهي چنا اڳ ئي اعلان ڪري چڪو آهي. ان کان سواءِ مون وٽ شاعريءَ جي ٻن وڏيڪ ڪتابن جيترو مواد اڃا به تيار آهي. جنهن ڪي سهيڙي ۽ سانڍي رکيو اٿم، جن ۾ بيت، وايون، گيت، غزل، ڪافيون، پابند ۽ آزاد نظمون شامل آهن.

موڪلائي ڪانهي.

تاجل بيوس، B-4 قمر اپارٽمينٽس بلاڪ - 3

گلشن اقبال، ڪراچي - سنڌ

(12)

ڪنهن ڏي ڪتي! ڪلف لڳائي ڪپڙا
ملان محبوبن سان، وڃي راند رچي
پون من پرچي - ڪتي! تنهنجي ڪيڏ تي

(13)

ڪنهن چو ڪتي! ڪلف لڳائي ڪپڙا
جن جي پريت پڪي - تن کي ڪاڻ نه ڪن جي

(14)

وڃ نه، ميان! ويهه اوڻي! ڇوڙ نه آڻ کي
ٻيو هن تڪر ڪان، ناهي سج اچان
ماني ڪاڻ مستان - ٻکيو وڃين پائڙا!

(15)

وڃ نه، ميان ويهه - ڏوٿي! هن ڏهر ۾
تڙبون آهن تاريون، ڏس ته منهنجو ڏيهه
پانهنجن وانگي پيهه - چنڊ نه پير ڇپر ۾

(16)

وڃ نه، ويهي رهه - اوري آڻ آئن کي
ڏوٿي! هن ڏهر ۾، لاڏن سوڌو لهه
ڪا نه ميان! ڪهه - اوڻي! ڳالهه اندر جي

(17)

ويهه نه، ميان! وڌ - وائي ڇڏ ورڻ جي
پانڌي! تنهنجي پنڌ جو، اڄ ان آهي اڌ
ڪيچي قابو پڌ - سير سندرو چيلهه سان

(6)

چاري ٿا چون - آهي سگهه سرن جي
ڪن پاڻيو مهت مٿيءَ جو، ڪي پاڻيءَ تي پڌن
ايءُ ڪيو ڪم هٿن - تڏهن ويئي پت بڻياد تي

(7)

ڪتي! ڪيئن ڪري - ڪايا تنهنجي ڪن جي؟
ٻيٽي ٻاهه ٻري - يا ورڪر پاڻي وترو؟

(8)

ڪري چو نه ڪتي! ڪايا تنهنجي ڪن جي
تنهنجي ساري تر ۾، هئي هڪ - هٿي
چڱو جسو چٽي - پسئي اٿي پاڻ مان

(9)

چوءُ تو ڪيئن ڪتي! ڪاري ڪايا ڪن جي
ڳنن ڀڳل داڻا، پورا آهه بٽي
منهنجي ذات ڏکي - تنهنجو ٻسي تڪيو

(10)

ڪيئن ڪري پيو ڪن - ڪتي! تنهنجي ڪنپ جو؟
پاسن ڪان پورو هيو، يا تر ۾ پيس تن
سچو زڪ سخن - ته ڪڏهن ڪاٽيارو نه ٿئين

(11)

ڌوبي! اهڙا ڌوءِ - ميرا منهنجا ڪپڙا
ڪوليان لڳن ڪير جيان، اهڙا اُجرا هوءِ
ڏسن ته پرين پوءِ - ڪيئن پسن ٿا پاڻ ۾

(23)

مانسي ٿي وجهان ـ ڏنم اُن ڏهر ۾
تون وجهہ رلي ڪٽ تي، آءٌ ڦريو ٿي ڏيان
عطر ٿي اوتيان ـ وڻجارن جي وات تي

(24)

وجهان ٿي مانسي ـ ڏنم آن ڏهر ۾
تون چوءُ ان ڪي پائڙو، آءٌ ٻائي ۽ ٻانهي
ڏاگهي ڪي ڏيهہ جي ڳچيءَ ۾ ڳاني
ميان! مزماني ـ ڪر تہ ڪاٺيارو نہ ٿئين

(25)

بکيو آهين ٻاءُ! لکيم تنهنجيءَ لوڏ مان
رکي سکي مانڙي، ڪٽي اچان، ڪاءُ
اُنن سوڌو آءُ ـ ڏوتي هن ڏهر ۾

(26)

بکايل آهين ـ لکيم تنهنجيءَ لوڏ مان
چو نہ ڪجاوا ڪاگهڙي، تو لاڏن تان لاهين
اسان ماڻ آهين ـ وسهہ تہ، وجهان مانڙي

(27)

نيرانا آهين ـ مکي ڏئين مانڙي
وچڙو ڦيري وچ تي، پگهر سڪائين
ڪلئي اهن ڪامڙيا، تا پٽن پچائين
پراوا ناهين ـ ڏوتي آهن ڏيهہ جا

(18)

ويھہ تہ لکي ڏيان ۽- تازا بيت بھار جا
پري صراحيون سچ جون، عطر جيئن اوتيان ۽
واسي پيو واسيان ۽، رھہ اسان وٽ راتڙي

(19)

وايون، بيت لکان- سڄڻ ۽ ساڻيھہ تي
سڳنڌ ۽ سرهاڻ کي، گهولهي گڏ ڪيان
ڪڙي ساري ڪيٽ تي، چمڪان چنڊ جيان
اُتان يا ويھان- وٺان نانءُ وطن جو

(20)

وجهہ نہ رلھي ڪٽ تي، پاڳل منهنجي پيڻ!
سيءُ وهندا واڻ تي، نندا، وڏا سيڻ
نجهريل ڏس نہ نيڻ- ڏس اسانجي ڏيل ۾

(21)

اجهو ٿو اچان- چر مان ڪاهي چيلڙا
ويھہ هلي هن جاء ۾، موتيو آن مٿان
آيو آن جتان- مونکي سڀ معلوم آ

(22)

ادا! ڪر خبر- خوش آهين، پيو خير آ؟
اسانکي احوال ڏي، لائي زير زبر
ڏٺي ڪٿي ڏيھہ ۾، ڪينگر ڪنن ڪر؟
جي هٺا سڀ سڪر- تہ چو نہ وهين ٿو وچ ۾؟

(33)

وڪر ٿا ونـــــن - وجهي ونگ آنن کـــــي
سيڏي ۾ سرهاڻ جون، ڳنـڍيون ٿا ٻڌن
اِجهو ٿا اُسهــن- ڪٿي بار پنـــــيور مان

(34)

اوني ٿا اچن - لاهيون بار پنيور ۾
ناهن مٽ پنهونءَ جا، ڏوٿي ٿا ڏسجن
ڪورا مٿان ڪلهن جي، انگوڇا اٿن
وري ٿا وڃن - سينگاريا ساڻيهہ ڏي

(35)

هاٿي لاٿو تـن- اچـــــي بار آنن تـــــان
پوڇان ٿي سر - چوڻئين، آيل! ڪي آنن
تون پڻ اچي تن - اور اندر جي ڳالهڙي

(36)

اچن ٿـا اونـار- لاهيـــون بار پنيـــور ۾
اٿـــن صفا آجــــرا، پنهـــنجن وارا پـــــار
ڪتان ڪنهن پنهونءَ ڪي، ڪٽندا ڪين ڪتيار
هل تہ پوئي هار- وجهون ڪنهن وڻجار کي

(37)

چاڪيءَ ڏني جا- تانگهہ ملائي تيل ۾
سچ تہ آن سرهاڻ ۾ ڪس نہ آهي ڪا
اسان پر آها- ڪيري چڏي ڪن ۾

(28)

وجهان ٿي ماني - آجـــو ٿيءُ آئن مان
آئيم تنهنجي آٿ جي، ڳچي جي ڳاني
لکي تنهنجي لوڏ کي ”جيءُ چيم جاني“
ميـن مزماني - آءُ پـڻ ڪندس ايتـري

(29)

اڱڻ ٻهـــاري - ويٺي تـڪيم واٽـــڙي
پـــلي آئين پاڌـــڙا! ڪـــرها قطاري
ويهه ڪلي هن کٽ تي، ٻتيءَ کي ٻاري
ڪانين کي ڏاري - وجهي وٽان ٿي مانڙي

(30)

پچائـــي پلو - ويٺـــي تـــڪيم واٽڙي
نميس جيئن نار تـــي، ڪري پيو چلو
مونسان گڏ هلو - تہ چلو ڳولهيون چوريون!

(31)

پلو پچائي - ويٺي تڪـــيم واٽڙي
نئون چلو نيسر ۾، وڌم ڪيرائي
جڏيو واهيءَ شام جو، لاشڪ لڪائي
آهڻ الائي! ڪيو ڳم ڪو نار ۾

[32]

اگر ٻاريـم آءُ - ويهه تہ وجهان مانـڙي
ناهي ڪنهن ننگر ۾، جـوين کي جتاءُ
وريو اتـر واءُ - رهه اسـان وٽ راتڙي

(44)

جهٽ ڪري جهرڪي! ڪر چوٽي ڪي ڇهنب ۾
اچڻو آ اِن جــاءِ ڪـــان، باز ڏئي پڙڪـــي
ڪجي جي ڪڙڪي - ڀـوءِ نہ پسنديڻءَ ٻوڪ ڪي

(45)

جهرڪيون! ڏيو نہ جهٽ. آن چڳو آرام سان
ورجيســن ۾ وڻـج جـا، ڪولـيا اُتـــم هٽ
هي ڀڻ مٺا مـــٽ. ڀي اُجـهايو اڄ ڪـــي

(46)

جهرڪيون! جهٽ ڪري. ڪٽا چڳو ڪيچ مان
سهڪا لڏي سنگ تـي، پنهنـــجو پيٽ ڀري
متان بـاز وري. ڀـــوءِ نہ پسو ٻوڪـــ ڪي

(47)

جهرڪيون! ڪري جهٽ. ڪٽا چڳو ڪيچ مان
ايندو بـــاز اُتامـــرو، پريـــون ڏيئـــي پٽ
ڇپر ڀانيو ڇـــٽ - جالاريءَ هـــن جوءِ ڪي

(48)

جهل، نہ جهار هڪل - وجهہ ڪانپائي ڪڏ ۾
کهـڙڻي حرف حساب ۾، آڏاريـــن تو ال
ڪريڻ ڇو نہ ڪهل - پرديسين جي پريت ڏي

(38)

چاڪي! توکي چو؟ طلب نہ آهي تيل جي
پيڙهي ڪنهن نہ پاٽ ڪي، تيل نہ ڪڍيو تو
سٺيو ناهي سو- جنهن چڙي هاج هٿن جي

(39)

چاڪي! چو توکي- طلب نہ آهي تيل جي؟
هاري ڪو هن جوء جو، پوڪ نٿو پوکي
سگهو وٺ سوچي- تہ ڪيون سرهو ساٿ ڪي

(40)

چاڪي! چوء تون چو؟ لاڙيو ناهي لٺ ڪي
گهاٽي ڪي گهٽا لڳا، ڏهون ماهہ ڏنو
تيلي! چا ڪئون تو! طلب ڦٽي ڪئي تيل جي؟

(41)

چاڪي! چاڪئون تون! لاڙيل نٿو لٺ ڪي؟
گهاٽي ڪي گهٽا لڳا، ڏنو ماهہ ڏهون
ميان! اڄ بہ سون- سرهو ڪيو نہ سينڌ ڪي

(42)

چاڪي! وٺ چوڻ- تہ ڪيان سٺو سينڌ ڪي
هيءَ پڙ تيل حوس جو، ڪرو ناهي ڪڻ
ماڪيءَ ساڻ مکڻ- گڏ تہ ٿيون گوشائتا

(43)

چوڻ وٺ چاڪي! مهابي محبوب جي
سرهو ڏيڄ سرنهن جو، عرق اوشاڪي!
اسان اوطاقي- آهيون تنهنجي آسري

(54)

هارين جي هلچل - مات وناءِ موت کي
آتت انقلاب جي، آنداءُون - اول
پانهن واري پل - آکريا ڪُن اٿاهہ جا

(55)

ڪاڇي پيو ڪيٽ - وڳر پس وڻتار ۾
جهڙي بڪ بدي ۾، تهڙو گذريو چيٽ
پسي پالهو پيٽ - منهنجو جيءُ جهري پيو

(56)

ٻاجهر تي ٻوهي - واهہ نظارو نار جو!
ڳروُن آنديون گل تي، مٿن ليءَ مون هي
ڪنئي ٿم ڪوهي - آءُ نہ ٻوڙيون پيلهڙا

(57)

آهي پوک پڪي - پر لکن لوساتي گهڻو
ڪئي آهي ڪيتري، ڪلر پڻ ڪکي
باقي جا بچي - بک وئي تي پيل جو

(58)

جوڳين ڪاتي جات - هر ڪنهن اُتڻ آن جي
مرليءَ سندي موهہ تي، ڪوبہ نہ ٿيو ڪات
وتائون سا وات - جنهن تي ڪوڙ ڪرن جا

(49)

جهل، نہ هڪل جهار - ڪِنَ نہ گهوڙهو هٿ ۾
پڪي اِنهيءَ پوڪ تان، آسارا نہ آڏار
ڪاهُ نہ ايڏي ڪار - پرديسين جي پريت تي

(50)

آيا اٺئي ال - ڪٽا چڳڻ ڪيچ مان
هي پڻ ٺٽي هن جوءِ جا، هوريان ڏي هڪل
اِهي سنگ پڪل - آچ تہ آگاهي ٿيئن

(51)

جوئر تي جهارا - هر ڪنهن گهوڙهو هٿ ۾
ٻوريءَ مٿان ٻوڙيون، گهچ ڏين گهارا
جوڙي ويٺيون جوءِ ۾، ماڪيون مانارا
وهين جا وارا - هل پسون، هن پوڪ تي

(52)

لاب پيا لاهين - هر ڪنهن ڏاتو هٿ ۾
ول ڪٽي واندا ٿيا، گاهہ پيا گاهين
اجان اِت آهين - تہ لڳن خوف خريف جو

(53)

ڪري توڙي ڪَسَ - پوءِ بہ آهن پوڪ ۾
آسارا اُتي پيا، ٻڌي ڪڙن ڏس
منهن ڏوڏائيون پهن - تہ لڳن خوف خريف جو

(64)

الا! مون وٽ آءُ - تہ ڏيانءِ پکو ڏيج ۾
سڪاڻي سمهي پيا، وريو آتر واءُ
منڌ مرندي ماءُ! نيزي چڙهندا ناڪئا

(65)

وٽ نہ وسيلو - سگهاري سائيهہ ۾
پاڻي هن پٽڻ جو، نار! اٿئي نيلو
هٿن جو حيلو - ڪر تہ آڪرين ڪن مان

(66)

اسان وٽ نہ اڄ - چرندو ڏسي چڪ کي
انا جي آويءَ ۾، پاڻان پئي پچ
سهڻي! ڪونهي سچ - دلي ۾ دڪان ۾

(67)

اسان وٽ نہ آءُ - ڪري سانگ سچي جو
پانهن واري پل تي، دڪي لنگهہ درياءُ
سوئي رک سپاءُ - جيئن پسين منڌ! ميهار کي

(68)

دڪي! پيچ دلو - پل سڄاڻي پانهن جو،
اِنهيءَ ريت اٿاهہ جو، گهولهين ڪيئن گهلو؟
پوري! ڪريلو - تہ سهڻي! لنگهين سير مان

(59)

هاٿي رکيو تہ - سير چاڙهو چڪ تي
سهڻي! تنهنجي سانگ جو، پرو جو پيہ
اڄهو چاڻ چڱيہ - گهڙو اونچيءَ گهاڙ تي

(60)

ڪورو ڏي ڪنڀر! گهڙو اونچيءَ گهاڙ تي
سوين ٻوڙيون سهڻيون، جڏهن تڏهن جر
ٻڏي جيئن ٻيهر - ڪا، ڏيءُ نہ دريا شاهہ جي

(61)

ڪنڀر! ڏي ڪورو - گهڙو اونچيءَ گهاڙ تي
اٿئي ڏس اڻهيءَ ۾، ٻريءَ جو ٻورو
پڪو، پر ٻورو - سو نہ گهرجي سير ۾

(62)

آءُ نہ چڙهي ڏيانءِ - گهڙو اونچيءَ گهاڙ تي
ميهر جي مهاڳ تي، پل ۾ پڄايانءِ
اُهرون لنگهايانءِ - تڪي هن طوفان مان

(63)

هر ڪا سهڻي هوءِ - هر ڪا سونهين سير ۾
ترن ۾ تڙ ڳن گهڻو، پوي نہ ڪائي پوءِ
واڪا ڪر نہ ووءِ! پڪو رکي پاڻ سان

(75)

ڪنهن ڪالهه ڪان - چوريو ناهي چڪ کي
پيس ڪل ڪچي جي، سرتيون سنجهي سان
آتان پئي اچان - جت پڪا تي پرزا ٿيا

(76)

ڪنهن ٿــو ڪنهار - چاڙــو رکندي چڪ تي
پيس سڌ سرير جــي، جو گهڙي ڪيــو گار
ساهــڙ ۽ سهڻـــيءَ جــو، وينو پڇـــي وار
سيڪو سرجڻهار - پر ڪو ڪو هٿ ڪنهار جو

(77)

ڪنهن ڪالهه جو - چاڙو رکيو چڪ تي
اصل آن مٽيءَ ۾، مــن هو ميهر جو
چرين ٿي چيــو - ته سهڻــي مٽي سير ۾

(78)

وانجهين هيءُ ويساهه - ته سهڻي مٽي سير ۾
اصــل آن مٽيءَ ۾، ميهر جـــو هو ماهه
اچان سهڻـــيءَ ساهه - ثابـــت آهي سير ۾

(79)

ڪوري! آهو ڪت - جو سچو ڦورو ست جو
ســـڪر هــن ساڻيـــهه ۾، ڪري آ ڪپـــت
سنهنجي اها صـــت - ميچ ته سوچـــارو ٿئين

(69)

دلو ٻيج دکي! ڀل سڄاڻي پانھن جو
ايندئي ڪم اتاھہ ۾، چڪيئي جا چڪي
پوري، او ٻکي! ڪڏ نہ ڪاڻ ڪنڀار جي

(70)

سھڻي تي سنبري - منجھند جو ميھار ڏي
سيڻن جي سنگ ڪان، ڪري پاڻ پري
سا وينگس ڪيئن وري - جنھنجو من ميھار سان

(71)

گھڙي ڪان گھڙو - ڀل سوايو پانھن جو
ھلو، ھٺ ھٺو - تہ سھڻيون! آڪرو سير مڻن

(72)

گھڙو ناھہ گھڙو - ڀانھن واري ڀل ڪان
وڳو اسر ويل جو، چڙي تي چڙو
تون ڪيئن ڏئي ڪڙو - سٽين ۽ انھي سور ۾؟

(73)

وسيلو نہ وٺ - سگھاري ساڻيھہ ۾
ھلائيج ھٿن ڪي، ھن پير چڏي ھٺ
موڳي! گڏ م مٺ - ساڇھہ واري سون ۾

(74)

ڪنپر سان ڪئي - ڪري آيس ڪاڪيون!
وني گس گلال جو، گھمان ڪيئن گھٽي
منھنجي جا مٽي - گڏي پيو گمان ۾

(85)

ناکئا! ڪر نه ننڊ - ڪوڙي ڪرس ڪنديءَ تي
جڏهن وڃا گهنڊ - پوءِ نه پسنديں پاڻ کي

(86)

مهاڻا! نه موڙ - سانجهيءَ جو سکان کي
ٻانهن واري ٻل سان، ويرن کي ولوڙ
اُتان جايون جوڙ - جت اُڏيڙا آب جا

(87)

مهاڻا، ميان! ساڃو رک سکاڻ کي
سهڻي لنگهي سير مان، اِجهو تي اتان
ميهر ڏٺي ميان - مهارون مهراڻ کي

(88)

متان مهاڻا! سنجهي ٿي سمهي پوين
اِجهو ڏيا اُپ جا، اِتان اُجهاڻا
چِر، نڪي چاڻا - آوليون هن آٿاهه جون

(89)

"ناکئا ننڊ نه ڪن" مر پئي ٿسڪي ٻاهڙي
سڏ، پڙا ڏا سير مان، اِجهو ٿا اچن
ميهر ملاحن - ايندي آگاهي ڪيو

(90)

ناکئا! ننڊ نه ڪر - ڪوڙ نه ڪرس ڪنديءَ تي
سهڻي اُڪري سير مان، جر مٿي جيئر
تون پڻ پيو تيئر - گهور اِنهيءَ گرداب کي

(80)

ڪٿ آهو ڪوري! جو سچو ڦورو سٿ جو
ڏکن جـــي ڏوري - چاڙهه نه مٿي چڪري

(81)

ڪٿ ائين ڪوري! جيئن پون ستڪا ساهه ۾
لڳي لالڻ يـــار جي، لونءَ لـــونءَ ۾ لوري
ڏکن جـــي ڏوري - اڪيـــڙي چڏ آئٿ تان

(82)

ڪهه ميان، ڪوري! اور انـدر جي ڳالهڙي
آئي چاڙهيئي ائٿ تـي، ڏکن جـــي ڏوري
پهـي سچـي پٿ جـي، تو نـه ڪا تـوري
جيڻ جي جهوري - ڪر ته چٽين "ڪين" ڪان

(83)

ڪوري! ڪري جهٽ - خاصو جوڙي ڪيس ڏي
سينـگاريان سنجـن سـان، وچينءَ جـو وهـٽ
پاءَ تاجيءَ ۾ پٽ - ته ڪيون چڙهائي ڪاڪ تي

(84)

جهٽ ڪري ڪوري! خاصو جوڙي ڪيس ڏي
ڳڏ ڪا سرس سڳـن ۾، فڪر جي ڦـوري
اسان جـو آ آجڪـو، تـو جيـڪا تـوري
ڏکن جـي ڏوري - ڳـڏ تـه ڳونـدر ماڻهون

(97)

گنڊرا! آت گذار - جت وراڻي وير جي
چڙهي اِن چڪڻ تان، ڏيهن کي ڏيکار
مانگر ائين مار - ته ٿيئن سوپارو سات ۾

(98)

ڏنـــو آ ڏاڻو - لوهر جوڙي لـــوهه مان
لڏي آندم للر جـــو، گاهه پسـسي گهاڙو
چمڪيو چوواڻو - ڪانهي ڪر "ڪراڙ" کي

(99)

لنگ نپي لوهر! ساڙ نه ڪنهن به ساهه کي
ساهي اِن سانداڻ کي، ڪـڍ نه چڙي، چر
ايڏا وجهه اگر - جيئن ڏرتي دانهياڻي نه ٿئي

(100)

ڏاتا ڪين ڏنا - لوهر نپي لوهه مان
پوء به اسان پاپ جي، گهاڙها گل چڻا
ڪانئر جي ڪنا - اسان اُچلائي ڇڏيا

(101)

ڪپ نه ڪا ڪامي! ڏاري اِن ڏهر جي
ڪانير! هن ڪنڌيء نبي، لوڏ نه ڪالامي
آهن آرامـي - سپ پڪـــي هـن سـر جا

(91)

سيھ نہ سامونڊي! ڏکي پير ڏکيا ڪري
وير نئين اڄ وڃ تان، آڏيءَ ٿو اٿندي
جو ٻن سان چندي - ستي ويل سگهڻ کي

(92)

موڙيئي ڪيئن مڪڙي - اوندھ پسي آب تي
سهڻي اِنهيءَ سمر تي، اِجهو چاڙ چڙهي
متان مڃ مڙي - گهيرو ڪسن گرداب جو

(93)

ٻاتڻي! نہ ٻيج - خبر ڪيڙائن جي
ڪانو جو ڪرڙ جو، موريءَ وانگي مڃ
لهرين تي ٻيو لچ - تہ لهي انت اٿاھ جو

(94)

ٻيچ نہ ٻاتڻي! خبر ڪيڙائن جي
ڏوري ڏاڪڻي - آيا ڪنڌ اٿاھ جي

(95)

متان مهاڻا! مٿين اِن مهاڳ کي
اِتان ايندي سهڻي، چڙ متي، چاڻا
اِجهو آجهانا - ڏيا ساري ڏيھ جا

(96)

گذر ڪر گندرا! ٻونڊي چوڙ نہ ڏيند تان
مار اِن مهاڳ تان، ڏاهيون ۽ ڏنيرا
آگها جي ايرا - اُچل تن ڪسي آب ۾

(107)

گھوڙو گھورڙيو - ٻڌي آيو ٻيـر سان
وري پنهنجي وهٽ تي، اِجهو چاڙهه چڙهيو
سچو ڏينهن سڙيو - پوءِ بہ اُلڪو "پوءِ" جو

(108)

گھوڙو گھورڙئي - ٻڌو اچي ٻير سان
ڪاٺيارو گهٽو ٿيو، پوچا پيٽ ڪري
آيو سج لٿي - پوءِ بہ اُلڪو "پوءِ" جو

(109)

ڏيرو آن ڏکڻ! ڪهه چو پنهنجيءَ ڪرت ۾؟
ڪو ٿـڙ آندءِ ڪينڪـي، وڏي منجهان وڻ
ڏوراپـا ڏ کـڻ - مـڪـا آهـن مـاڻ جـا

(110)

ڏير نہ ڪڙ ڏ ڪڻ! وجهہ ڪو ڪرت ڪنڌيءَ ۾
رڏٺا آهـن رب جـا، مونکي ڪيئي مـڻ
آهيون هن اَسـڻ - ڪـاٺيارا ڪـنـگير جا

(111)

ايندي اوسٽي - ڏوئي ناهي ڏ ک جي
اسان اُها آگ ۾، ساڙي ڇڏيسي
تڏهن ڏ ڪڻ کي - پيئي ساڃهہ سچ جي

(102)

ڏانير! ڪاٻہ نہ ڪپ - ڏاري هن ڏهر جي
پيو ڪيئن پير سان، چريا! آهين چپ
جوين اٿين نہ جهپ - سائي ڪنهن سرير جو

(103)

ڪپ نہ ڪا ڪانير! ڏاري ڪنهن ڏهر جي
پاڻي ڏيئي پيار سان، پوري چڏ پتر
ڏس تہ پوءِ ڏهر - ڪيئن لڳن ٿا ڪور تي

(104)

ڪپ نہ ڪا ڪاڻي - ڪانير! هن ڪنڌيءَ جي
جا اُڏوهيءَ اڌ ڪئي، پيچ اُها ٻاڻي
هر ڪا ڏس هاڻي - آهي سگهہ ساڻيهہ جي

(105)

ڪانير کهاڙو - نپي ناهوڪو ڪيو
وجهندو وڍ وڻن ۾، چوُن ٿا چاڙهو
تڏهن آ تاڙو - صبح ڪان ساڻيهہ ۾

(106)

ڪٿان ڪامڙيا! آيو آن اڌ رات جو؟
ميان! تنهنجي منهن تي، تانگر هن ٽڙيا
آهن چنبڙ ڪڙيا؟ يا آهي ڪنهنجو اولڙو

(117)

نانارا! نہ ڏار ـ هن دوساٽيءَ ديڳ کي
ڦوڪي ڏنوڻ فڪر جي، ڳچ قلعيءَ جو ٻار
اندر اٿين اجار ـ تہ اصل کي اوڏا ٿيون

(118)

نانارن ناريو ـ داڳ لڳائي ديڳ کي
موڙهن ڪڍهن مچ کي، ٻهر نہ ٻاريو
ڪير جني ڪاريو ـ سي نہ اسانجي سات مان

(119)

ڪٿان قلعيگر! قلعي آندءِ قرب جي
هٿين هٿ وٺن کي، اجرا ٿين اندر!
ٻار ٻيڙ ٻهر ـ تہ ساهن کي سيڪا ڏيون

(120)

سگها ماڻهو سنڌ جا، سگهي سندن ذات
جن ۾ ڳپ ڳنڍير جو، تن ۾ ذات نہ پات
مان ڪيئن چوان مات ـ جن ۾ مهڪ ملير جي

(121)

سگها ماڻهو سنڌ جا، سگها سندن پير
مون نہ ڏنا ڪنهن ماڳ ۾، ٻاگهين وارا پير
تو ڪيئن اچي تن سان، ويري وڏا وير
مٺا جي مٺير ـ ڏڙ گڏيندءِ ڌوڙ ۾

(112)

آسڻ آجـاري - ڪـيچ ملائي سچ ۾
پري منهنون مٺ جون، گهن ۾ ٻاري
منڊيون، جانجهر، منگلون، واليون هن واري
اڄ به سوناري - وڪيون وچ بازار ۾

(113)

ساڻ نه سـوناراِ! ڪيچ ملائـي سچ ۾
پره پـڇندء خبـرون، مارڳ موچارا
سونارڪيء سونهن کي ڏي سمجهي سيڪارا
نه ته ماڻهو وس وارا - تڪيندء دڪان تان

(114)

چمڻي ڏي چوڙا - جن ۾ مير نه مٺ جي
ڪايا ۾ ڪوڙا - سي نه گهرجن ساهه کي

(115)

لتا لابـارا - پـريون گنـديون گاج جـون
ڪنهن درڪوٽ ڪلال جي، ڪنهن در ڪاتارا
لائـي ويـنا لـوڪ ۾، نـڪ نـاتارا
لاوا لاهيارا - سـاوا ثيـا سـاٿيـهه ۾

(116)

اڄ پڻ اوٻارا - ڏي اسانجي ڏات کي
تپـڻ ۽ تپـش جـا، اسـان آسـارا
نار نه ناتارا! دوست، اندر جي ديڳ کي

(127)

اِڃهو باک ڦٽي - اِڃهو سورج اُڀريو
اينديءِ پنڌ آڏ تان، گجر گل جهڪي
ٽنڊ کو اُڏي - وڃي لکندو ويڙهه ۾

(128)

آءٌ تہ چونديون ٻير - لوڏو ڏيئي لام کي
اڃي رک اڱڻ ۾، پدم جهڙا پير
اِڃهو ٿي اوير - پاڙي چڏ پريتڻو

(129)

هيتان جر جهٽون - ڦتان پور پکين جا
لڏندي کنڌيءَ لام تي، چونگارين چٽون
اسان پڻ وتون - سينگاربا ساٿيهه ۾

(130)

ٿورو پاسي ٿيءَ - تہ سونهن ڏيکاريانءِ سنڌ جي
جنهن کي کنئيو کچ تي، سا ڌرتيءَ جي آ ڌيءَ
جنهن جي ڇپي ڇيلهه آ، منهنجو آهي ٻيءَ
ادا! اٿي ايءَ - سوڀيا هن ساٿيهه جي

(131)

هتان بيهه اچي - تہ سونهن ڏيکاريانءِ سنڌ جي
جهار پٺي جهارا ڏئي، پٺي آ پوک پچي
ڏس هون، ڏانڊ - چڪي - سوڀيا هن ساٿيهه جي

(122)

سهڻا ماڻهو سنڌ جا، سهڻو سندن ڏيهه
جن ۾ ساڃهه سچ جي، آهه تني وٽ ويهه
جن جي سڪ آڪير جو، ڇرو ناهي ڇيهه
پکي تنجي پيهه - جي ڪنڊ ملائن ڪير ۾

(123)

اکيون جيئن پنيان - ڏهر، ڏونگر وچ ۾
موڙيان مجر ٽاريون، ڏاڙهونءَ گل ڏسان
ميندي ءَ رتي هٿ سان - پڪا سنگ پنيان
وينو واس ونان - دلبر پنهنجي ديس ۾

(124)

اکيون پنيم جيئن - ڏهر، ڏونگر وچ ۾
ڦتين چوندڻ واريون، اچي بيٺيون هيئن
ڪنڌ ڦيرايان ڪيئن - پسي ڏنئرا ڏيهه جا

(125)

پڏا پاڪارين - آچن آب نہ چڪيو
چڪر چيڪڻ چڏيو، انگ نہ آگهارين
آچارا آ گم ڪي، نڪريو نهارين
نہ چيلا چيڪارين - نڪي ڏوتن ڪپڙا

(126)

وجهي چنڊو منهن تي، آئيا اسر ويل
ڏاڍو پنهنجي ڏيهه ۾، هر ڪاڻائون هيل
تڏهن تا طريل - آئين آڻ انن جا

(137)

سونهن تنهنجي سچ - سچ ۾ تنهنجي سونهن ۾
ڇائي ڇام - نگر جي، اگر ٻاري اڄ
ڪو نه آهي ڪچ - ڪک برابر سچ ۾

(138)

ادا! اِهي وڻ - منهنجي آهن ماڳ جا
هو ڏس گور گسن تي، ڏنارن جا ڌڻ
پر حي ڏسين پرهه جو، پهر جي پڻ- ڇڻ
جيڪر لاءِ جيئڻ - ماري ٻڌجين موت جو

(139)

اِهي وڻ ميان! منهنجي آهن ماڳ جا
ڪانگن جي قطار ۾، "ڏيا" ٿو ڏسان
اِجهو ٿا اِتان - اچن سڏ ساڻيهه جا

(140)

ساڻئڻ، سنڌ منهنجي! تو ۾ منهنجو تڪيو
آهين تون اندر ۾، ٻولي ناهي ٻي
جڏهن چيم "جي" - ڏنم توکي ذات ۾

(141)

ساڻئڻ منهنجي سنڌ! پوڻ پڻائي گهوٽ جي
تو ۾ ڪيم تڪيو، هيڏي پسي هند
جن ۾ تنهنجي جند - سي ٻڻ تنهنجي ساهه ۾

(132)

آور پرو ڪجهہ اچ - تہ سونهن ڏيکاريانءَ سنڌ جي
هو ڏس، هن ڪجي جوء، ٻار ٻگو آ ٻچ
اهو اٿئي سچ - سون ورنيءَ سنڌ جو

(133)

اچ تون اور پرو - تہ سونهن ڏيکاريانءَ سنڌ جي
ٻي هو نکتو پرهہ جو، آ سجي رات سڙو
ٻهو تَس پرو - سڄڻ ۽ سائيهہ جو

(134)

اچي ٻيهہ‌ هتان - تہ سونهن ڏيکاريانءَ سنڌ جي
هو ڏس ڪنهن ڏهر ۾، وڏيون هن وڪان
اتاز ڦٽندي ٻاڪڙي، جهڪي ٿو جتان
ٻورن جون ٻڪان - آهن سڏ سائيهہ جا

(135)

اور پرو ڪجهہ آءُ - تہ سونهن ڏيکاريانءَ سنڌ جي
ٻالڪ چڳڙيو ٻنڌ ڪي، مرڪي آهي ماءُ
ٻلي منهنجا ٻاءُ! تون ٻڻ ٻاڙ پرينٺو

(361)

ڏهر ۾ ڏيو - ٻريو آهي ٻات ۾
يا ڪنهن ٻاڌو ٻهر مان، لٿي سچ ليو
آهي ٻڪ اهو - اڪين جو ڪو اوڻڙو

(147)

پونءَ نہ آھا پل- جنهن ڪيڏيو توکي ڪِڪ مان
تڙيون ٿانگر ٿاريون، گھر گھر مٿــان گھل
اٿئــي ڏيهہ ابــن ڪان، اِھــو ئي املــهه
ھيءُ ھلائــج ھل - تہ اصــل ڪي اوڏو ٿئين

(148)

مونکي ڏيهہ نہ ڏئي - ويڙ پرائــي وياءَ جا
مون ڪيئن ھن مانداڻ ۾، سيڻ چوان سيڪي
جيءَ ۾ رھن جي - اور آنھن جي ڳالھڙي

(149)

ھو ڪرا، ھي ڪيمٽ - ھو ڏھــر ڏت جا
ٿاريلين جي تر سان، پلي ڪر نہ پيمٽ
چٿني پاسي چيمٽ - ڪيو سائو سنڌ کي

(150)

آھيـڙي آزاد - ڏنم ســارا ڏيهہ جا
جمي ساڃهہ سچ جي، آنھن جو اولاد
پرڻي وڏون پاڻ ۾، فڪر جو فولاد
ٻڌي آد، جڳاد - آيل! اورانــگھي ويا

(151)

ھو وليون، ھ ي وڻ - ھــو ڏھر ڏيهہ جا
سرنهن - گل سرھو ڪيو، ھر ڪايــو ھيرڻ
موتئي گل جامڻ - مالھڻ مالھا پاڻهن ۾

(142)
او منهنجي ماءُ! سانئڻ، منهنجي سنڌڙي!
کهڙي حرف حساب ۾، پاءُ کهي ٿو پاءُ!
نيهي ويا نه کري، وريو کهڙو واءُ!؟
ويو سچ سياءُ - آڏامي انسان مان

(143)
کنڍين پکيون سنگريون، پيرين پڪا پير
ساري رنيون سات کي، واهيري جي وير
وڃين پوڄي پير - جوتيا جند فراق جا

(144)
جيجل! جيءَ چوان - سائڻ! تنهنجي سڌ تي
سر آڇيندي سچ تي، کهڙو لک کيان
مران يا جيان - هئان تنهنجي هنج ۾

(145)
وطن ۽ وڏراهه - پئي سوغاتون ساهه جون
سونهن پسنديسنڌ جي، چرکيوهيو "شاهه"
اصل وت انسان جي، مٿي توڙي ماهه
هيءَ سگهارو ساهه - آهي سگهه ساڃهه جي

(146)
سانجهي ۽ سڌ ٿيو - ڏين پرندي ڏيهه جو
اڇو سڀ اروڙ ميان، اوتي آڃ پيو
جيسين ٿا جيو - کيو سيوا سنڌ جي

(157)

کيڏي ڪک منجهان - جنهن نپايو جيڏيون!
ڪيا سڏ سرير ڪــي، آهن اُن امـان
ٻوڙ تنــي کي ٻار ۾، آيا جــي اُتران
مهاڙئا! مٿـان - ونجهه رکــي، ويهي رهين

(158)

چٽي جنهين چام - پرهه جو پڌرو ڪيو
سا سانئڻ هوندي سنڌڙي، مون پروڙي مام
هيڏي وڏي هام - هڻ ته هـاڪارو ٿئين

(159)

منهنجي هيءَ زمين - منهنجي اِن ۾ مامتا
سون - سريکي سنـڌڙي، ڇپو پٽي ڇپن
ڪن ۾ هٿي ڪين - جيڪا هاج هٿن ۾

(160)

منهنجو هٿڙ هت - منهنجي هن ۾ مامتا
جنهن ۾ مٿي جوءِ جي، پري ڪيئن سان پت
چڙهيا سي ٿي چت - سرجيا جيڪي سنڌ مان

(161)

منهنجو هٿڙ هت - منهنجون هتي مارهيون
آهي وٽ وجــود جــي، ازلان اگــي اِت
پري ڪيئن سا پت - جنهنجو ٻار ٻڌاد تي

(152)

وطن ڪين وسار - وطن تو نه وساريو

سنڌوءَ جي سيوا ۾، گندرو ٿي گذار

دنگي هن درياءَ تي، طوفانن ۾ تار

اِنهي پر آڪار - ته ڪايا لهين ڪن جي

(153)

ڪهڙو ڪيان حال - ڏوٿين سندي ڏيهه جو

آيا ماڻهو اوپرا، ڪاهي پيو ڪال

گهاري ڪير ڳنجيءَ ۾، وائل ڳنهي وال

اِهو ٿئي احوال - سوريتي ساڻيهه جو

(154)

وساري وطن - ڪير وهندو ڪوٽ ۾!

سون - ورنيءَ سنڌ جي، ڪايا جوڙي ڪن

منهنجي هڪ "موهن" عالم کي آجرو ڪيو

(155)

ڪهڙو حال ڪيان - سوريتي ساڻيهه جو

حال وندينڊي هڪڙو، پورو ڪيئن پوان

لنگهيا چوز لڪن مان، اچي جي آتران

تن سان تر سنوان - ڪيان تان ڪاري ٿيان

(156)

مونکي چڙي ماءُ - پرهه جو پڌرو ڪيو

مون ڪيئن وسري آن جي، ڇاتيءَ جو ڇهاءُ!

وڏو سو وياءُ - ڪاريو جنهن نه ڪير کي

(171)

وريا ڪين وهيا ـ لٿو سج لڪن ۾
پکن جا پٿن تي، چٽن ٿا چڱا
جيڪس ماءُ! جتا ـ ماريءَ ڪنهن منجهائيا

(172)

ڳٿو آن ڳليل ـ ٻي نه هٺڄان ٻيڙهه ۾
پڇر چڏ پکين جي، واهيري جي ويل
ماڻهن جهڙا ميل ـ سک ته سوپارو ٿئين

(173)

ماريءَ موت ٻڇي ـ وڏا دام دلين تي
دلين داو وساريا، جيسين موت مچي
فڪر ساڻ ڦٽي ـ مات ڏنائون موت کي

(174)

چٺن تي نه چڻ ـ ڀلا ڀن ڀير جا!
ڏاڙهونءَ جهڙي ڏيل تي، هيڏا ڏنگ نه هڻ
واين وانگي وڻ ـ لڏي لامن وچ ۾

(175)

چڻ نه ڀير ـ ڀن! چڀر تي چمڪو ڪري
شام ٻه ٽنهنجيءَ چڻ چڻ تي، جهريا ها جو ڀن
چڻ مٿان اڀئن چن ـ جيئن ٻوي سڌ نه ساهه کي

(166)

منجهند جو ماري! وڳر واهـــيرو ڪيو
واندي ناهه وهين ڪان، ڪا ڏهر ۾ ڏاري
بدو بکاري! مٿان ساهـــين سينـگ ڏيي

(167)

ماري ٿو ماري - پکيئڙا هن پار جا
پاڻي گيڙو پاڻ ٿي، ٿـو ناهر نهاري
الا! هن واري - ڪاتر ٽينـدا ڪيترا

(168)

اڏي دام انياءَ جا، گس نوان گهاڙي
پاڻي گيڙو پاڻ ٿي، تتر ٿـــو تاڙي
لاٿا لتاڙي - لڏ و آ هن لڪ تـــان

(169)

ڳٽو ڳليلو - ٻيو هٿي ٿو ٻيڙهه ۾
پکين جي پڙلاءَ ٿي، ٻري ٿو ٻيلو
اڻس هيءُ ويلو - پرينءَ ٽيندو پڌرو

(170)

گهڙي ڳليلي - وچـيٿو وڏڪار ۾
ڏني ماريءَ ڏهر ۾ ڪونجي اڪيلي ...
الا! اويلي ء ماڻ نه چڪي موت نجي .

(181)

پپر منجهان پن - ڇڻي پيا ڇن تن
ڏسي انهيءَ ڏيک کي، جهري پياجوين
الا! ساڻ اِنهن - جهيڙو آهه جڙن جو

(182)

ڇڳا تا ڇڻن - پيو کهت ڪندن ۾
دانا، ديوانا ڪيا، الا! ان - ڪٽن
ڪيما تا ڪٽڻ - پين سد پلر جي

(183)

ڇڻن تا ڇڳا - پيو کهت ڪندن ۾
سڪو پاڻي سر جو، جهرن تا جهڳا
وتا پري وٽ جا، مارن ڪين مڪا
آيل! سر سڪا - ڏني من ميرو ٿيو

(184)

ڏهر! ڏس ته ڪيئن - هن پيري هيٺو ٿڻن
لڪن تو لوساتيو، يا آتت ڪئي، ايئن؟
مون نه هتي هيئن - ڪو ڏنو وڻ ڏهر ۾

(185)

ڪوليم جيئن اکيون - ڏهر، ڏونگر وچ ۾
وچڙي اِن وڻن ۾، پاجهر ساڻ پکيون
ڏونئرن جون ڏکيون - ساهه پسي سرهو ٿيو

(176)

پپر! پن نه ڇاڻ - ميان! تون نه ماٺ ڪي
پاڙن ۾ پاڻي گهڻو، ڇڻي تو ڇاڪاڻ؟
پري ڪر پيلاڻ - ته ساون سرهائي ٿئي

(177)

ڇاڻ نه پن پپر! ڏي نه سيڪا ساهه کي
ڏنگ هنيا ٿئي ڏيل ۾، آئي ساڻ اسر
سور نه آهي سر - ڏنيو جن ڏياچ کي

(178)

پپر! سڪا پن - ڇاڻ نه منهنجي ڇن تي
ميان! منهن - اونداهڙي، ڪاءُ نه منهنجا ڪن
جهرن ٿا جوبن - پنن جي پڙلاءِ تي

(179)

پپر! پاراتو - ڏي نه منهنجي ڏيهه کي
وير توسان وڻ آ، پراون ڏتو
تو نه سڃاتو! ويري هن وڻڪار جو

(180)

پپر ڇاڻيا پن - ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾
رکيو روءِ زمين تي، سکيو پاڻ سرن
بکيو ڪين پڻن - جن جا منهن مٽيءَ ۾

(201)

ماٺ نه ڪر منڇر! ويھ نه واهڻ آسري
وھ وٽن جي وچ ماڻ، وينگس! ڪنجي ور
ڏس ته ڪهڙي ڏوھ ۾، چيتيون آهي چر
ڪھ چو ايڏي ڪر - آهي تنهنجي آب ڪي؟

(202)

اٿلي پئي اروڙ - ڪنڌئين مچر موڪ ٿيو
مون نه ڏٺي ڪنهن ڏيھ ۾، ايڏي ٻائڙ - ٻوڙ
جيڪا پون ڀلوڙ - آ او ڳاچيندي آب ڪي

(203)

اروڙ پئي اٿلي - ڪنڌئين مچر موڪ ٿيو
لڙهندي ڏٺي لهر تي، اسان اڪ - قلبي
اورائحن اُلــــي - اوتي چـــڏي آب ۾

(204)

آرس پيچ اروڙ! چڏ سڪڻ جي سانگ ڪي
ٻير اچاريءَ پونءَ ڪي، ڪـري ٻائڙ - ٻوڙ
جيئن هيءَ پونءَ ڀلوڙ - ماضي موٽائي وجهي

(205)

پرهہ پنياڻــي - ساڻو ڪـــر سائيھ ڪي
ڏوئي منهن درياءَ ماڻ، جيئن ميرو مهاڻي
اچي رڙ رجن ماڻ، پاڻــي زڙي، پاڻي!
سيڪو سڄاڻي - جيئن ڪٽي پڳھ پانهنجو

(196)

ڪاتارن ڪهيو - اڪن سائيون ڪانيون
بوءِ به تن پٽن تي، ڪيڏو ڦر ڪيو
ڪولي ڏس ته ڪل ڪي، ڪيئن تن ست ڪتيو
ناهي وقت ويو - جي سبق پرائين سچ جو

(197)

ڪهيو ڪاتارن - اڪن سائيون ڪانيون
پوءِ به پنهنجي پر ۾، ڦٽي تسا ڦر ڪن
اُٿي تند آڪار جي، ڏيکيءَ پاڻ ڏيکين
تو نه منجهان تن - ڪا ست پرائي سچ جي

(198)

ڪاتارا! نه ڪهه - اڪن سائيون ڪانيون
ڪري پيو ڪڏيءَ تي، تنهنجو پٽ ڏهه
ويٺين پنهنجي وٽج جو، وڃائي ويسهه
لوچي پڙا لهه - بوءِ ڪڍ عيب اڪن جو

(199)

سچ پڏاءِ سندو! ڪٿ گڏيئي ڪي گندرا؟
چٽيس لڳل چولڙا، بدن ۾ تن بو
هاڻي ڏس ته هو - ڪهڙي هوندا ڪن تي؟

(200)

سچ پڏاءِ سندو! ڪير پڏا هن ڪن ۾؟
آهن پيرِ پٽيءَ تي، پر نه آهن هو
لڙهي تو لهو - صبح ڪان هن سر تي

(211)

ڪا جهٽ ڪينجهر ۾ - تنهن تماچيءَ ڪوڙيا
آهي ڇمڪو ڇير جو، گندرن جي گهر گهر
جيڏا! جلدي ڪر - ته ڏک پسون ڏاتار جي

(212)

واهڙ! پيو وهه - ور ڪٽي وڏڪار مان
جاڏي پن نه پوک ۾، تاڏي گهٽو ڪهه
رات نه ڪٽي رهه ته - اڄن ڪي اوڏو ٿئين

(213)

واهڙ! پيو وهه - ٻه - درياهيءَ وچ مان
ڪر نه ڪنهن ٻه ڪن ۾، گوهر ٻٽجي گهه
تا ڏي پيو ڪهه - جا ڏي پن نه پوک ۾

(214)

ڪوهه نه وهين واهه! وڇينءَ جو وڏڪار مان
جاڏي پن نه پوک ۾، ڪر تيڏاهون ڪاهه
وهه، ته واهوندن ۾، گسين ڦٽن گاهه
ستا جي ارواح - پرينءَ ٿيندين پدرو

(215)

ڏولهه يار، درياهه! پاءِ نه ڪنهنجي پوک ڪي
جن ڏنو ڏس ڏڪار ڪي، ڪرتني تي ڪاهه
اڏيڙي نه آهه - آسارن جي آپ ڪي

(206)

پرينءَ پنيائي - ور کٽي، وهندو گهٽو
پوندي رڙ پکن ۾، پاڻي ڙيي، پاڻي!
سڀڪو سڄاڻي - پٽ ونندو پاڻهنجو

(207)

پلي پاگهياڻي - منهہ مرڪي پاڻهنجي
پري وهي پئي پونءَ تي، پريان پنياڻي
آئي رڙ اسر جو، پاڻي ڙيي، پاڻي!
هاڻي هارياڻي - ڏهر پريندي ڏيهہ جا

(208)

سانجهيءَ ٿيا سڏ - سنڌوءَ کي ساڻيهہ جا
ساگر آهين سنڌوءَ جو، اوس ناهين اڏ
مهاڻن جا مڏ - پر تہ پاگهياڻي ٿئين

(209)

آن - داتا اروڙ! سونهن منهنجي سنڌ جي
تون ئي سانگ سرير جو، مٿي پونءَ پلور
جيجان! تنهنجي جوڙ - ڪارڻ آهي قوت جو

(210)

او منڇر، او ماءُ! سونهن منهنجي سنڌ جي
آءٌ پٽ تنهنجي اڌ ماں، تانگهو هڪ تلاءُ
وربو کهڙو واءُ! جنهن اڇيو رکيو آب کي

(221)

واهڙ ٿو وهي - ٻه درياهيءَ وچ مان
آٽي ٻيلون ٻيلچا، خوني ٿو کهي
ٿورو جي لهي - ته ماڻهو ڪن نه مامرو

(222)

واهڙ پيو وهندو - ڪر نه اينـدس ڪڏهين
چمڪي اڀريو چنڊ جي، ته سچ پيو لهندو
چلندو، چمڪندو - سدا پيو ساڻيهه ۾

(223)

واهڙ! وهه اَئين - جهونجهارڪيءَ جوء مان
مهيسر ميدان ۾، جهيڙين پيا جيئن
اهڙي ڏک ڏئين - ته وکا چاڙهيانء وچ تي

(224)

اڪريا اڻ - تارو، متاري مهراڻ مان
پسي دم درياءَ جو، ترسي پيا تارو
اڙي، آسارو! ويهه نه واهڙ آسري

(225)

آڻ - تارو اڪرن - متاري مهراڻ مان
پسي دم درياءَ جو، تاروئڙا ترسن
ميان! تنهنجي من کي، واهوڙيو وهمن
سي ڪيئن پار پون - جن کي سڌ نه سهر جي

(216)

ڪڏھن ڪانائي - پري وھندينءَ پـونءَ تي؟
ڏيــن جيئن ڏيھـــہ ڪــي، وڳر واڏائـــي
ميانيـون مائـــي! آھـــن تنھنجي آســـري

(217)

واھڙ! پيو وھين - ڪر نہ اچئي ڪڏھين
ھن سر کي سائو ڪري، ڪاچي پڻ ڪھين
لا ڪيٽا! لھين - لائون وچـــي لاڙ سان

(218)

واھڙ! وھين شال! ڪر نہ پوئي ڪڏھين
اچي روز آچن ڪي، جر پيـــارين جال
چلين، ڏيئي چال - جا ڏي تاڏي جوءِ ۾

(219)

وھہ پيو واھڙ! ڪـــر نہ پوئي ڪڏھين
آلر ٿئي آڪاس ڏي، جر ۾ تنھنجي جڙ
وينـا ڪنگ وٽن تـــي، نسري پيا نڙ
ڪابہ نہ پسان ڪڙ - سڪي ھن ساڻيھہ جي

(220)

واھڙ! پيو وھہ - ڪر نہ اچــي ڪڏھين
لـڏي لھريـــن وچ۾، چاڙي پيـــو چھہ
ڪاھا نوڪي ڪھہ - جا ڏي ٻن نہ پوک ۾

(231)

تڙ جو تتر جيئن - اڏري اُمارو ڪري
تن مان منهنجي تيئن - آسن اوبارا ڪيا

(232)

تڙ جو جيئن تتر - پوئي تي پرزا ٿئي
اسان تيئن اندر - ڏکن ۾ ڏاري ڇڏيو

(233)

چار ٿي پهر چنبول - پيو آهي پٽ ۾
سڄو بت بخار ۾، ڳاڙهو ٿس ڳٽول
آنا جي اصول - هيڪاري هيٺو ڪيو

(234)

ڪويل! ڪر سا ڪوڪ - جا وجهي ڏارون ڏيل ۾
ڪيڏ ڪا اڄ ڪلين مان، فڪر واري ڦوڪ
مرن ٿا ملوڪ - ڪوڙن ڪانئرن وچ ۾

(235)

ڪويل ٿي ڪوڪي - وڇڙڻ جو وڏڪار ۾
سوريءَ چڙهڻو سچ آ، ڇري ٿي ڇوي
صبح سين ڪي - ڪريون ڏينديب خبرون

(236)

ڪوڪي ٿي ڪويل - وڇڙڻ جو وڏڪار ۾
لڳي ٿو ڪنهن لڪ ۾، هلي آ هلچل
ڇپيون ڇرڪايل - ڪيڏي ٿي هر ڪوڪ مان

سر پورب

(226)

چوُ تون ڪوھہ چتون! پيو آھين پٽ ۾؟
توکي انهيءَ تانگهہ ۾، ڏنو ڏينهن ڏھون
الا! پوءِ نہ تون - ڪوليو ڪين ڪئين ڪي

(227)

چوُ تون ڪوھہ تتر! پيو آھين پٽ ۾
نہ تو تڙ تنواريو، نہ تو سويا پر!
چاڙيا پن پيہر - ڪيئن تواڻي تون ٿئين!

(228)

چوُ تون تتر! چو؟ پيو آھين پٽ ۾
فجر ڪاڻ ڦولار ۾، لنوين لات نتو
ٻڌجي بيت نہ ڪو - ميان! انهيءَ ماڻ ۾

(229)

تتر ڪئي تنوار - اسان چڪيون چاڙھيون
ڪٽي ايندي ڪوھہ تي، مالهڻ پوئي هار
واسي ويندا وار - اِرڙين سوڊو آئٽ ڪي

(230)

تڙ جو تتر ڪو - جيئن اڏري آمارو ڪري
اسان تيئن اُڏائيو، اوير عشق سندو
پيوند پرين جو - جيئن پري، تيئن پختو ٿئي

(242)

هلو جي هتي - تہ هاڻي پسو هوت کي
ڪاہ نہ رسندي ڪيچ کي، سچي ڏينهن ستي
اسان پڻ آتي - ڪيو پڌرو پاڻ کي

(243)

چو نہ ڪيان مان چانو - جي تون جر! نہ جهيڙئين
لوڏيان جيڪر لام تي، ڪبوتر ۽ ڪانو
ٿڌا ڪري ٿانو - سونهان سيڻن وچہ

(244)

آءُ پڻ چانو ڪيان - جي تون جر! نہ جهيڙئين
وهين جي وگر ڪي، لاڙي لام ڏيان
ڪلان، خوش ٿيان - سونهان سيڻن وچہ

(245)

ڪيڏي چانو ڪيان - جي تون جر! نہ جهيڙئين
پکر هٺان پور جي، پاڻي جيئن پيان
جيسين پيو جيان - وهسان هن وڻڪار ۾

(246)

ڏانوڻ وجهہ م ڏينهن کي، رات مٿين ۾ ماءُ
ائين نينهن نپاءُ - تہ اصل کي اوڏو ٿئين

(247)

جيئن ڪا تيز لهر - ٿئي گم گرداب ۾
اثباتي ان پر - ويجها ٿيا وجود کي

(237)

ڪويل جي ڪوڪن - وڏا گهاوَ وڌن ۾
پپر جا پرڀات جو، ٿا ساوا پن ڇڻن
دکيءَ جي دانهن - ماڙهو منجهائي ڇڏيا

(238)

ڪوڪ نه ڪويل! وڃه نه وڻ وڻن ۾
اسان پڻ اڳهين، تو وانگي تايل
هوريان ڏيج هڪل - هن سوريتي ساڻيه ۾

(239)

ڪويل جي ڪوڪيو - وڃهندي وڻ وڻن ۾
ڀائي ٿي پڻن مان، لٿي سڄ ليو
الا! ٿي اڄهو - ڪري سڏ ساڻيه ڪي

(240)

ڇهنب پکيڙا ڇور - ويهي لامن وچ ۾
ڪنياتا! اچي خبرون، اسان سان ڪي اور
ساهه - سڀي ڪي سور - ڪٿ گڏيا تو گندرا؟

(241)

جر تي ماري جيئن - تڪي کو تلور کي
ڏکن ڏهاڙي ڪيو، اچي مونسان ايئن
هنيون منهجو هيئن - ڪڏهن ڪاڙيارو نه ٿيو

(254)

وڃائي وجود - ڪر نہ پوڇا ڪوڙ جي
ماڻهو ٿي، ماڻهوءَ کي، ماڻهو ڪر مسجود
حاصل ۾ هنود - اڻٽي اکر هيڪڙو

(255)

ڪوڙا چوان ڪيئن - جن ۾ عرق اروڙ جو
نفي ڪيائون "ذات" جي، جهونا ٿيا جيئن
اسان ڏنا ايئن - ماڻهو ملڪ ملير جا

(248)

لهر لڇندي جيئن - ساحل کي سجدا ڪري
توسان آهي تيئن - آڳاڻيو ارواح جو

(249)

ڪري جيئن ڪپر تان، سنجهي سرنهن - وڻ
مون پڻ تيئن مرڻ - ڪيري ڇڏيو ڪن ۾

(250)

موت! اچي مونسان - ڪر نه ڳالهيون ڪن ۾
جي تو سانگو ساهه جو، پڪ وڃي ٿئي سان
تيز نه ٿي تن سان - جن کي ڪاڻ نه "ڪال" جي

(251)

جهڙي تار تنبور جي، تهڙو ماڻهوءَ من
هڪ کي هاج هڻن جي، ٻئي ۾ واس - ورن
ڪانو توڙي پڻ - آهن سونهن سرير جي

(252)

مانجهاندي جو ماڳ - ڪير سڏي ساڻيهه کي!
پسي جنهن جي جاڳ کي، ڏڱن ڳاتو راڳ
ورتو ٿم ويراڳ - جيئن اصل کي اوڏو ٿيان

(253)

ميان! مانجهاندو - مور نه ڇوُ هن ماڳ کي
جوڙي جنهن جهان ۾، آدم کي آندو
پون ڌنم آ پاندو، جو پيچڙ سان پورا ٿئي

(260)

اڙي، آٿ ـ ٽڪل! تو ڪيئن ساهيو سچ کي
ماڻهن سندي مام جي، توکي ناهي ڪل
سنبريا اچي سامهان، هڻن ڏئي هڪل
جاڙا ٺئي جبل ـ ڏوٽي منهنجي ڏيهہ جا

(261)

ڏنهي ڏڪائي ـ کلي لاهہ نہ کل کي
ايڏي لاهہ لنگن تان، جا سکهين موٽائي
موگا قرض مٿيءَ جو، ويٺين وڌائي
مٿو ڪوڙائي ـ پرينءَ ٿيندين پڌرو

(262)

ڳؤرا ڳاٽ ڀڃين ـ سمجهہ نہ سوپ سنگين جي
پاٺيءَ کي نہ پليت ڪر، سندوءَ کي سڄين
منهنجي ڳالهہ مڃين ـ موٽي وڃ هن ماڳ کان

(263)

ڇو نہ سڏائي شاهہ ـ هٿ رنگائي رت ۾
ڪاهي ڪانئرن وچ ۾، ڳچين سندو ڳاهہ
اڃان ڀي الله ـ چارڻ! آهي چپ ۾

(264)

مٿا ۽ مٿنا ـ ڀڄ نہ منهنجي ڀونءِ تي
ماڻهو هن مٿيءَ جا، ناهن نڌڻڪا
پاسي ٿيءُ ڀهر کان، تڪن ٿا تڙڪا
ڪڙهہ تي ڪڙڪا ـ گولا! ڪر نہ گڏس جا

سـر اديسي

(256)
"موهين" موتائي چڙيا، "جهڪر" ڏئي نه جاءِ
"ٻيوس" ٽنڪي پونءِ تان، هاسيڪار هتاءِ
ڪارو ائين ڪتاءِ - جيئن متو موتائي وجهون
(257)
آهي ڪچائي - اصل اِنهيءَ آوي ۾
آجرو پاڻي ائٽ جو، سوڪ ڪري سائي
سانگ نه ساڳائي - پر آهي بار ٻڌياد تي
(258)
ڪلئي ڪسارا - ڪسي سندن ڳالهڙي
پيرون اِن پهر جا، ڪتا ۽ ڪارا
وڳر ويچارا - ماريءَ موتائي چڙيا
(259)
ننا چڙهو چت تي، ناهيو منهنجا مت
مونکي موتائي ڏيو، چنيءَ وارا چت
مونکي موتائي ڏيو، پاڳهيءَ واري پٽ
نه ته هڪ منهنجي سٽ - ٻيبي ڳولو ڳئسن جو

(270)

ڏئي ٽپو ڏيڏر - لنگھيو آ اِن لنگھہ کان
تاڻيندي تلاءَ ڏي، وڏو ڪيائين ور
پلو آ بي - گھر - ٿيندو ڪاچ ڪپر جو

(271)

ڏيڏر ڏئي ٽپو - لنگھيو آ اِن لنگھہ کان
نہ پاڻي اٿس پٽ تي، نہ واڻن تي ورڪو
سڀن جو ھن سر ۾، مڪو چاڻ متو
اڇي سپ سگھو - ڪو ڪندس وار ڪپار تي

(272)

ڏيڏر ڏئي ٽپڪي - اُڪريو اونھيءَ کڏ مان
پاڻي ھن پٽ جو، ويو ڪالھہ سڪي
تانگھيندي تلاءَ ڏي، ٿلھو پيو ٽڪجي
ڪو سپ ڪٿان سرڪي - ڪندس وار ڪپار تي

(273)

ڏيڏر ڏئي ٽپڪي - اُڪريو اِنھيءَ کڏ مان
اِھا سڌ سپن کي، اِجھو چاڻ پئي
ڏر مان ٽپو ڏئي - ڪندس وار ڪپار تي

(274)

ڏيڏر اڏ ٽپي - اُڪريو اونھيءَ گڏ مان
اِجھا ڪلہ ڪپن مان، ڪنھن سگھي سپ ٽڪي
ساٿو لڇ سھڪي - ڏيندو دم دبيءَ ۾

(265)

ننڍ پيا هن نيڻ - گولا ڪير نہ ڳڻس جا
آيا آهن سيڻ - ٽڪا ٽنا ٽر مان

(266)

نيڻ پيا هن ننڊ - گولا ڪير نہ ڳڻس جا
ڪو آيم مانيءَ آسري، ڪنهن ٻالڪ منهن ۾ ٻنڊ
ٻڌين نتو گهنڊ! امن جي اعلان جا

(267)

تاتاري تونگر - آيا اُتر پار کان
گوليءَ جي گفتار تي، گهل متي گهر گهر
اسان سي اجگر - هٿن ۾ هيٺا ڪيا

(268)

گهوڙن جي هڻڪار - هر ڪنهن رئفل هٿ ۾
وجهي پٽر جهول ۾، ٻاهر نڪتا ٻار
هڪ کپر ٻيا کار - پيچڻ لڳا پونءَ تان

(269)

ڇري ۽ روهي - اصل تنهنجو آجڪو
هٿ نہ ڪنهنجي هانو ۾، اٿ ڪٽي لوهي
ڏس متان ڏوهي - "مور" نہ موڙائي سگهين

(280)

هو جو ڏنئي ڏيک ـ لاهيارڻ جو لوء ۾
ناهي ڪنهن نراڙ تي، لوهہ قلم جو ليک
ايءُ بڪارو بيک ـ ڪارڻ آهي ”ڪين“ جو

(281)

هو جو ڏنئي ڏاند ـ ڳهلا وهندي ڳاهہ ۾
آهي پٺيان اُن جي، ڪوهيارڻ جو ڪانڌ
پرينءَ پٺي پلاند ـ ونندء اِن وٽـاڻ تي

(282)

هو جي ڏنئي هت ـ مارو‍ئـــڙا ملير ۾
سرتيون اُن ساڻيهہ جون، رنيون ساري رت
اڄان سوڌو اُت ـ ناهي مـاٺ ملير ۾

(283)

ڏک نہ ڏيهہ ڏٺي ـ پسي مـاڻهو اوپرا
ڪندا پڌرو ڪوڙ ڪـي، هاڪارا هٺي
ڦولهڙ سنڌي ڦل جي، اڄها خاڪ چٽي
ڪشيريون ڪٽي ـ ايندبون ڏوڙا ڏيهہ جا

(284)

مون پڻ منهن ـ اونداهہ ـ اوڻي ڏٺا اوپرا
لڳي باهہ پنهور ڪي، ڪٿي ڪير ڪپاهہ؟
آڏو، تان ارواح ـ ڏين واڌايون ڏيهہ ڪي

(275)

ڏيڍر ڏنو تپ - چاب ڪري هن چر ۾
وڌو هيو ور ۾، ماريون جيڪو مپ
سرڪيو جڏهن سپ - پرهہ پڌرو ٿي پيو

(276)

ڪيئن تڪين ٿو تون - سگهي هن ساٿيهہ ڪي
اوتي چڏ اندر ۾ - جيڪي چيو مون
پٺائي جي پون - پانءَ نہ هوندي پرڪٽي

(277)

ڪيئن تڪيو آ تو - سگهي هن ساٿيهہ ڪي؟
اصل هن مٿيءَ جو، ميان! ملهہ نہ ڪو
پڏو پاڻيءَ پڪ ۾، جابر آيو جو
ڪريو ۽ ڪٿو - هٿي ملڊئي هٿ ۾

(278)

ڦري ٿو فقير - وجهي اسم الله جو
سو ڪيئن مڃي سچ ڪي، ڪريو جنهن جو ڪير
تاڻيائين سو تير - جو پڌر ۾ پرزا ٿيو

(279)

هو جا ڏنئي ڏانگهہ - هارياڻيءَ جي هٿ ۾
وجهندءَ نايون نرڙ ۾، ڪانئر لنوندءَ ڪانگ
سچا ٿيندا سانگ - مارن جا مليرَ ۾

سر مارئي

(289)

جيئن ڪو پيہر - پن - ڇڻندي ڪري ڇن تي
تيئن هي منهنجو من - ڏنارن ڪان ڏار ٿيو

(290)

ٿوهر، ٿر - واسي - اصل منهنجو آڄڪو
اسين مارو پاڻ ۾، جيئن اسي اُڏاسي
ولين جا واسي - سا ڪيئن گهاري ڪوٽ ۾

(291)

ٿوهر ۽ ٿري - اصل منهنجو آڄڪو
آئي مڪ ملير ۾، ڪاهڙ جي ڪري
وڃي اُت وري - ڏهر چوندبان ڏيهه جا

(292)

ٿوهر ڦڻا ٿر - آءُ هت قابو ڪوٽ ۾
ڏهر منهنجي ڏيهه جا، آيا هوندا هر
پکين جيڪا پر - ڪير سڃاڻي ڪوٽ ۾

(285)

ڪيڏو هئين کهـــہ - آيا جڏهن اوپرا؟
جيسين هاج هئن جي، ڳالهہ نہ ٻڌي ڳهہ
ويريءَ تي ويسهہ - جنهن ڪيو، ڪاٺيارو ٿيو

(286)

ڪيڏو هئين ڪالهہ - ماڪڙ آئي ماڳ ۾؟
ڏاري ڪيا ڏيهہ جا، پورا آن پـونچال
ههـــڙا پسي حال - ڪير نہ اوري ائٽ تي

(287)

کهہ هئين ڪيڏو - ماڪڙ آئي ماڳ ۾
ڏنيو هيو ڏيهہ کي، هيئن نہ ڪنهن هيڏو
جي اڳ هئين ايڏو- تہ ڪنهن ڏکايو ڏيهہ کي

(288)

وئين پونءَ پلي - جيڪا سونهن سرير جي
ڪيئي سوڪ سنڌوءَ کـي، ايڏي ٿئي آلي!
ڪير نہ پائي ڪاج ۾، ڪا نينگر نڪ - ڦلي
ڪپت ڪابلي! ڪور تہ ڪاٺيارو نہ ٿئين

O

(298)

هتر ڪر حمير! ساڃهه رک سانيهه جي
تون پڻ آن منجهه مان، جنهن مونکي ڇڏيو مير
آجي ڪر اسير - ته پسان ملڪ ملير جو

(299)

عمر! ڪر آچار - پاسي رکي پاڻ کي
تون پڻ آن منجهه مان، جنهن مان ال پنهوار
سا ڳيا وڻ سانيهه جا، ساڳي لام - ليار
پوءِ ڪيئن ڪرين ڏار - لوڏو ڏيئي لام کي

(300)

ڪري پيا ڪوٽ - عمر پڻ آزيون ڪيون
ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيو، اسان نه ڪنهن جي اوٽ
اُتها جو اڻموٽ - پيا اُڏيـڙا آپ ۾

(301)

ڇوڙيائون چانگون - پسي اوٽ اُتر جي
سائين پٽ ساوا ڪيا، وري پر وانگون
ڪاڪيون، ڙي! ڪانگون - مونڏي مارن مڪيون

(302)

پرينءَ پالڻي - کولي پڇندءِ خبرون
لاهيارن جي لڄ ڪي، آئين ڪيئن ڪٽي!
تري، تر - ڇٽي - موٽائج ملير ڏي

(293)

ڏوءُ نہ ڏوٿيڙاٽي! ڪلف لڳائي ڪپڙا
مٺان مر ملير جي، پگهاري پاٽي
سرتيون سجاڻي - ڪائر پڇنديون خبرون

(294)

جي آئون، پساڻ جوڙ - مارن مٺان مينهن جي
اچي ڪن آنن جا، ڪڙهہ مٿي ڪوڙ
تہ، ورهہ ۾ ولوڙ - جيڪر وڃن وسري

(295)

جي آتي عمر ڪوڙ - تہ هٿ بہ هڪ هڪ مارئي
وڙهن ڳنڍ ورن سان، جٿا ناهي جوڙ
ڏڳيئيون پلوڙ - آهن سگهہ ساٿيھہ جي

(296)

جي آتي عمر عام - تہ هٿ بہ هڪ هڪ مارئي
هر ڪنهن ٻولي هيڪڙي، جٿ هجي يا چام
آجڙين انعام - ڪيو حاصل هڪ جو

(297)

جي آتي عمر مير - تہ هٿ بہ هر ڪا مارئي
واڳي پاڻ ورن سين، هر ڪنهن تاڻيو تير
ڪٺيرين جو ڪير - ڪريو ڪنهن نہ ڪير ۾

(308)

مابر موکيان شال! مارئي موٽائـي ڏيان
منهنجي اڱڻ مارئي، هيٺان ڪر نہ حال
ٿر ۾ وچندا ٿال - ماير پچندين ء مارئي!

(309)

پکي! پارانيو - ڏنئي جيڪـو ڏيـهہ جو
ڪانگا! ڏيج ڪٿيء ڪي، وري ورائي سو
تہ سانگن سجاتو؟ پرهہ پيـــرو آٿ جو

(310)

پارانيو پريـات - ڏي اسانکـــي ڏيهہ جو
ڪنيا تن اچي ڪوهہ تي، لنوين ڪهڙي لات؟
رنا مارون رات - يا ڪيئون چڙهائي ڪوٽ تي

(311)

ڏٿــن ساٿ ڏنار - ڏنئي ڪنهن ڏهر ۾؟
لڪيا ڪنهن نہ لوء ۾، پنهنجن وارا پار
ادا، ڙي اوٺار! ڏي ڪا سڌ ساٿيهہ جي

(312)

وري آهہ ونو - وڏڦڙو والـهار تي
مونکي مڪو سوکڙي ڪٿيري ء ڪٿو
هٿي جي هجو - تہ ٿورا گهايو ٿرجا

(303)

اُڪري ويا عمر - هٿ نہ رهيو هيڪڙو
ٽڳيا جسي تڪ تار ۾، انسا جي آڌر
اسان سي اجگر - هسٿن ۾ هيٺا ڪيا

(304)

ماءُ! ٽنڍي پئي مالهہ - آهـڌ آب نہ چڪيو
مٿن مٿي مون ٿيو، سيسنور ڏٿي سال
ڪٺان دلو ڪچ تي، ڪا اهڙي وجهو ڦال
چيلا ڏين چال - تہ ساهہ پسي سرهو ٿئي

(305)

آءُ، اونيئڙا اور - ساروٽيسون سڪار جون
پڌئي ڪنهن ٻنيءَ تي، "هور وهيازي هور"
چنا گا ٻـا گور؟ مونڪان پـوءِ ملير ۾

(306)

مٿان مارئي! ڪسو پانئين ڪسوٽ ڪي
خبر ڪائر پار جي، هتي ڪسين هئي
ڏنارڻ! دوئسي - وڃي چـڏ وجود مان

(307)

عمر ٿيو اسير - مارن گـڏي مارئي
پيتائين پنهوار سان، ڪاهڙ وڃي ڪير
هيو جو جمير - ويو وچان ٿي نڪري

(318)

كاهڙ پاسي كوهه - گيڙيـن پائي گجرا
ميڙيائون ملير ۾، ٻكريـون هٽي ٻوهه
رت ڳاڙيندي روح - ڏني سڌ سڏيهه جي

(319)

آئي ۾ آئون - كيئن گذاريان كوٽ ۾!
مائرون هت ملير ۾، ستين ٿيـون سائون
الا! هن اسير كي، كـوٺ نه كيائون
كٿين ۾ كائون - پر ڏوٿي مونكان ڏور ٿيا

(320)

جيئن ٿي پسان جهڙ - جاڙي هن جبل تي
ساريو جهڄان سومرا! كنوڻيـون ۽ كاهڙ
كيم منٿون مينهن كـي: مارن پاسي مڙ
لاءِ اڄن تي لڙ - ته ڏهـر ٻرجن ڏيهه جا

(321)

جيئن ٿي پوي بوند - ٿـوري گهٽي ٿر تي
هاڃا وڃن هوند - وانگياڻـيءَ كـان وسربو

(322)

هوءَ ماڏهن هوڏ - هو وڏنـدڙ هنڙا
اٺن اور اڏڻ جي، آهـن مڙئي اوڏ
ايءَ لاكيڻي لوڏ - آهي مرك ملير جو

(313)

آندي ڪنهن نہ ڪوٽ - جيڪا مرڪ ملير جو
هيءَ ڪيئن آئي هنڙي، عمر! تنهجي اوٽ؟
جنگ تني سان جوٽ - جي ڪاري ويٺا ڪير کي

(314)

ڏڻ ۽ ڏنارڻ - ٻئي مرڪ ملير جو
پاڙ وچي پيندي، جهانگياڻين سان جهڻ
ڪٺيريءَ ڪنوڻ - ڏٺي اباڻي ڏيهہ تي

(315)

ٿر ۽ ٿرياليون - ٻئي سرغاتون سنڌ جون
ورهايون وطن ۾، ڏوٿيئڙن ڏاليون
پورن ڪان پاليون - آيون هونديون ائٽ تي

(316)

پانڌي! پارائيو - ڏجان منهنجي ڏيهہ کي
آندم جو اِن پار جو، ڪسيو ڪنهن نہ ڪٿو
ڏهون سج ڏٺو - پوءِ بہ من ملير ۾

(317)

ٿر ڦٽا ٿوهر - آءٌ هت قابو ڪوٽ ۾
اوتيا مٽ ملير تي، اُتر ڪان اوٺر
آءٌ، جيان جيڪر - ڏهر گهاري ڏينهڙا

سر آسا

(326)

مونسان ڪا ميان! ٻولي ڪر نہ ٻن جي
ويھہ تہ تئين ويجھڙو، اچي اسان سان
وٺي پر وڇان - تہ حاصل ڪرين ھڪ کي

(327)

اسان پرکي پاڻ - حاصل ڪيو ھڪ کي
جھوري ھٿي جنھن جي، سو پڻ ھيو ساڻ
ڪيو سچ سڃاڻ - ٻول وساري ٻن جو

(328)

تو ڪيئن تو منجھان - ڏک پسي ڏاتار جي
اچي اُجري آب ۾، گيرت گڏ نہ ميان!
وائي ٻي وڇان - ڪڏ تہ ڪاٺيارو نہ ٿئين

(329)

وايون، بيت لکان - ماڙھوءَ سندي موھہ تي
لکندي لاھيارن تي، ڀورو ڪين ٻوان
ڪتان ۽ ڪنبان - دلبر پنھنجي ديس ۾

(323)

منهن اونداهي ماءُ! پيم ڪارون ڪن تي
ٻارن ۽ ملــير جو، پيو آ پــڙ لاءُ
ڏنارڪو داءُ - ڪيريندو هن ڪوٽ کي

(324)

ٻڪي ۽ ٻوڙي - ڏاريليون ڏڪجي پيون
ڏوٿين ڪيو ڏٽ جو، نہ ڪرو نہ ڪوڙي
جوڙي جن جوڙي - ويون اکيڙي ائٽ کي

(325)

رٻيڙيــن ريهـــي - اُجـاريـــو ارواح
پهر ول جي ٻاڙ مان، منهن ڪڍيو ميهي
ڪير اُتي ويهي - جت لڳو سينور ساھہ کي

O

سر پرڀاتي

(344)

ڪيا ڪولابن - ڪاٺيارا جي ڪاڄ ۾
ٻليا پنج - ڪٺيءَ تي، ٻي ڪا ڪرت نہ ڪن
رڳو پور پنڻ جـــو، انهي ٻهر اتــــن
سکر سي سڏجن - جي پرهہ آڍا پوک ۾

(345)

پرهہ جو پنـڻ - چڏي هاڄ هتـــن جي
هٺي سڻن صــبح جي، ٿا آزاري اُتـــن
هلي هر ڍڏن - تہ ڪوبہ نہ ڪاٺيارو ٿئي

(346)

ڪولا بن ڪيا - ڪاٺيارا سڀ ڪاڄ ۾
سي ڪيئن ٿيـن سنرا، جي پورن ۾ پيا
اهڙا اڻ - چـــيا - بکن بيراڳي ڪـــيا

(347)

پنـي پرين پيٽ - سي نہ اسانجي اڏ مان
ڪتوريا جن ڪيٽ - ٻار تني جا ٻڏرا

(340)

هي ماڻهوءَ جو ماهه - جنهن ۾ بوءِ بهار جي
اک وجهندي اِن تي، چڪن ٿيو هو ”شاهه“
ڳهلن ڀانيــو ڳاهه - جو اصل گهر انسان جو

(341)

ماڻهوءَ جو من مون - ڏٺو پنهنجيءَ ذات ۾
وڏي سگهه سرير ۾، ڀا ڳل منهنجيءَ ڀون
ٿيو نينهـــن نمون - لڳو ٻيـــرو پاڻ مان

(342)

ميان! ڪو ماڻهو - ڀاري ناهي ڀونءِ تي
ناهي ڪنـــهن نگر جـــو، آدم اياڻو
چاڙن ٿا چاڙو - اونهي وٿ انســان جي

(343)

ڀا ڳياڙي ڀلي - ڪٺي وڪـــون ڪيت ۾
ڇني ويڙهي ڇيلهه ڪي، پٺي ٿـــي پلي
هلو، تان هلي - ڏجي واس وجـود کي

O

سر يمن ڪلياڻ

(350)
هاڏي جي هلن - ڪري سانگ ڪڪوهه جو
پيــڻ ســان پروڪــو، متاريـون مچــن
اکين ســاڻ پسن - صــورت ساهڙ ڄام جي

(351)
هلي ويا هاڻ - ڪري سانگ ڪڪوهه جو
آگـاهــي اڄ جـا، ســنبرن ڪيئن سپـــاڻ
تون پڻ هاڏي تاڻ - ته ٿئين آگاهـي اڄ جو

(352)
هلو تان هاڏي - ڪجي عرض ڪلال کي
سچـو مڌ سپـــن کي، آڇيندو آڻـــي
سرو سپاڏي - ڪهه ڄاڻان ڪنهن کي ملي

(353)
هاڏي ئي هلو - ته ڪجي عرض ڪلال کي
اٿو سڌ سـري جي، اسان سـان نه الو
انگورئون پلو - سلـو آهي سچ جـــو

(348)

ڪر نہ ڪولابو - ڀاءُ نہ ڳانا پٽ جا
ڪري ڏاتو ڪچ ۾، ڪچي ڀڏ ڪانبو
نہ تہ اچي اولانبو - ڏينداءُ ماٺھو ڏيھہ جا

(349)

ڪمنا ڪولابا - ڀائي گھمر نہ پوڪ ۾
ٻڌي ھر ٻڌسيءَ ۾، ڪچي ٻيڏ ڪانبا
گابيون ۽ گابا - جيئن چرن گور گسن تي

O

(360)

ڪونهي سپ ڪکوهه ۾، ايءَ مکويءَ جو آمد
متارا متن ڏي، وچين سان ٿي وڌ
ڪري اندر اڌ - پيءُ ته پاڳارو ٿئين

(361)

موڪيءَ جي مجاز جو، چرو ناهي چيهه
کولي مٿ ڪکوهه جا، پاڻ چويٿي پيهه
وٺي پري ويهه - ته موکي پسن مڌ ۾

(362)

موکيءَ جي مجاز جو، ناهي چيهه چرو
ڪٽي نهاري ڪڙهه تان، نيراني نرو
سينگاري سرو - وٺيون رکيائين وچ ڌي

(363)

مڙئي متارا - مڙني شوق شراب جو
موکيءَ جي مهاڳ ۾، اڏين اوتارا
وهه جا وڻجارا - سري سگهارا ڪيا

(364)

متارن کي مس - سري سجاڳي ڪيو
گهارين ڪين گهرن ۾، چکين اهڙي چس
ڏاهن ڏيئي ڏس - سگها سهاري چاڙيا

(354)

هڪ سرو، پيو سوال - ڪير نه ڪاڻيارو ٿئي
نڪتو پڻ ناتال ۾، قربانتو ڪلال
وٺي جو وصال - مشاهدو محبوب جو

(355)

ڪونهي سپ ڪکوهه ۾، هي موڪي جا هن مٽ
اِن ڪلاڪي ڪکوهه جي، چاڻ نه رکن چٽ
جن شاهي لاٿا چٽ - سي پاڳارا پر ٿيا

(356)

ڪونهي سپ ڪکوهه ۾، ڪا موڪي جي آمام
ويٺي آچي واٽ تي، جنهن تنهن پيري جام
هٿي موڪي هام - متارن کي ماريو

(357)

ڪونهي سپ ڪکوهه ۾، اي موڪي جو آمنڊ
ڪن ورلي ملي ونڊ - اِن ڪلاڪي ڪکوهه جو

(358)

ڪونهي سپ ڪکوهه ۾، اي موڪي پاري آڳ
متارن کي ماڳ - رسائيندي رات ۾

(359)

ڪونهي سپ ڪکوهه ۾، اي موڪي جو آمنڊ
متارا مٺن تان، پري ڪر م ڪنڊ
اکين لاهي انڊ - پرکي اِن سري جي

سر ڏاھوڙي

(370)

ڏڦا ۽ ڏانگھون - ڪنيو ڦرن ڦير ۾
آھيڙين اسر جون، ٻڌيون ھن ٻانگون
ٽيڏيون ٽن ٽانگھون - جيڏو شوق شڪار جو

(371)

ڏڦا سارو ڏينھن - ڪنيو ڦرن ڦير ۾
ھيٺان اوبر آب جو، مٿان پوي مينھن
ٽيڏو نسريو نينھن - جيڏو شوق شڪار جو

(372)

نہ واڻا، نہ وڙاھہ - نڪا ڪاھہ ڪتن جي
رات بہ اڌھيءَ راھہ - سوُنچو ھيو سيج جو

(373)

نہ واڻا، نہ وڻ - چاڙو - نڪو پير پکيءَ جو
پيھر! سڀ پڄي ويا، ٿڌا ڪوسا ٿانو
ڪنھنجا ونان ڌانو - مڙئي جوڙ جتن جو

(365)

موڪيءَ مٽ نوان - چڪايا چنڊ رات جو
هر ڪنهن وائي هيڪڙي، پهريان آءٌ پچان
موڪيءَ جا مزمان ٿيا، هڪ سڪر پيا سڄا ن
ازل جا آڃان - موڪـــيءَ متوارا ڪيا

(366)

سر ڏئي، وٺڻ سرڪ - مرڪ نه متـــارن جو
ڪاٺيارا! ڪلال جي، چو نه پڇين ٿو چڙڪ
مڏ وٺ، ڏيئي مرڪ - نه سرجي رت سرير ۾

(367)

ڪوني ٿو ڪـلال - پري وهه وٺين ۾
سر گهريٺو سرڪ تي، دوڪو ڏئي دلال
آڇي سر اڏيءَ تي، ماڻهو سـو نه مال
اِهو خام خيال - مـــٽ ته متارو ٿئين

(368)

سرو آڇي سر - جنهن وڌيو، سو ويري ٿيو
ڪڏهن آن ڪلال جي، گتي ۾ نـه گهر
پيـڻ ناهـــي پر - هڻڻ ناهـــي حادثـــو

(369)

آڇين پٽي اڏي - سري سنديءَ سرڪ تي!
اڃان ٽڙنديـون ٽاريـون، ناهي جان جڏي
موڪي پٽ مڏي- يا ڪور نه ڪنهنجي ڪنڌ ڪي

(380)

الڪ نہ اوريائون - ڏورڻ ويا ڏٿ ڪي
ڪپت ڪوريائون - اُپت جي اوزار سان

(381)

مرون ٿا مارين - ھر ڪنھن ڏڦو ھٿ ۾
پڪيا پٽن پاٽ ۾، اوسر نہ پارين
ھٽن، ھوڪارين - سڀن شوق شڪار جو

(382)

ٻڪن ٿيون ٻاھيون - ھر ڪنھن ڏڦو ھٿ ۾
سوَر ڳولھين سر ۾، ڪتن ڪي ڪاھيون
وائن ڪيون ويڙھہ ۾، "وٺ - وٺ" جون وايون
اِجھو ٿيون آيون! ڏيڻ واڌايون ڏيھہ ڪي

(383)

وري چست وٺي - وينا ڪڏٽي وچ ۾
چاڙ لنگھيو ان لنگھہ ڪان، سا ڳو سوَر اچي
ويندو ڪو نہ بچي - ھن پيري ھن پوڻ تان

(384)

سوَر سڌائي - ڪاھي پيو ڪتن ۾
وينبن وڏو وچ تي، مرون مارائي
دقل ۽ اوصاف ڪي، وينو وڃائي
ڪوڙو ڪوٺائي - آنده پنھنجي انت ڪي

(374)

نہ وانجهي، نہ ور - نڪو بيڪ بندر جو
مٿي ڪن - ڪہر - هٽن وينيون هٽڙا

(375)

نہ وانگي، نہ ”‘- لام - نڪي چوڳ چڪور جي
وئي ويچارن وسري، مٿي سر اڏام
مونکي اِنهيءَ مام - سرڪ پيراري سور جي

(376)

نہ ٽوڏيون، نہ ٽاڪ - نڪي اوٺ اتر جي
جهليو چيچ هٽن ۾، ويٺيون ڏين واڪ
گل لڳائي گج تي، پهري ٽن پوشاڪ
تڏهن ٽا اوشاڪ - ڏين واس وجود کي

(377)

نہ چپر، نہ چانو - نڪي اوٺ اتر جي
پوءِ بہ منهنجي هانو - مڃيو ناهي مات کي

(378)

ڪتن ڪي ڪاهي - هل آهيڙي! هوڏ مان
وينبو واتهڙن تي، بيٺو ٿو باهي
اِهو ئي آهي - پور اسان جي پونءَ جو

(379)

ڪاهوڙي ڪٽي - سمر نڪتا سچ جو
چڙهندي جبل چوٽيون، وين وار ڇٽي
هالارين هٽي - لدو پہر لکن ۾

(390)

جتي ڪتا پير - آتان جڙي واٽڙي
پيچي آيا پاڳيا، هاهياري جي هير
سوپارا سوير - مرون ماري آئيا

(391)

پيچ نہ اهڙا ڳات - جي مور نہ موٽائي سگهين
مرون! هن مهاڳ تي، خونسي! هڻ نہ ڪاٺ
واٺا هن وڏڪار جا، چڪائيندء چات
وڇڙ! تنهنجي وات - ڪندا بند اتي ڪان

(392)

لتاڙي لوڙهو - ڪاٺي ويو ڪيت ڪي
ڪرتيو اٿئن ڪرنگهه کي، پڪ آهي پوڙهو
ٻٺو ۽ پوڙو - ايندو ڪم ڪتن جي

(393)

پري ٿن بندوق - لڳن پيرو پب ۾
بري کي ٻنيءَ تي، مارينندا ملوڪ
مڙي جي مخلوق - وڃر پوندو وٺل ۾

(394)

پيچي پٺي بندوق - لتاسين ني لڪ تان
تڏهن آهي تڪڙي، هڻ، هڻ واري هوڪ
مارينندي مخلوق - وڃر کي وڏڪار ۾

(385)

مارينـــدي مرون - وائـــن وار چٽي ويا
ڪن جا هٿ ڪٽن ۾، ڪن ڏڦا، ڪن ڏانگهون
ڪهڙي ڳالھہ ڪيون - وائن جي وڌڙهاند ۾

(386)

مرون مارينـدي - وائـــن وار چٽي ويا
لڪو جو لوڪ ڪان، آهيڙين ايندي
ڦري ويا ڦير ڪي، ڪٽن ڪي ڪوني
ڏڦن ساڻ ڏنـــيي - مرون ماري آئيا

(387)

چڙهہ نہ چڃن چوٽيـــون، وڌ نہ ٽين وار
ڪانٺر اِنهيءَ ڪـنـڌ ڪان، ڏنــي آ ڏيڪار
اهڙا هڻ هٿيار - جيئن جبل پڻ جهري پوي

(388)

ڪڙو ڪـوريءَ ۾، هوڪـــر ڪـــري هڻ
سوَر ايـنـدءِ سامهون، متين ٿو مســــڻ؟
ڏڪ نہ، ڏڦو هڻ - مرونءَ ڪي موناڙ ۾

(389)

اٺيا آهن آڄ - وڄ لڪائـي ويس ۾
وچر! تـنهنجي وات ۾، باقي هڪڙو وڄ
ٻرا هتان ڀڄ - نہ تہ مرون! تهندءِ مامرا ...

(400)

گوڙا ڙي، گهوڙا! ڪوهه ڪرين ٿي ڪامٽي!
پسي سوُر پوڪ ۾، ســج - لٿــي سوڙها
ويـــٺا چوٽو وچ ٿي، جاءِ مٿـــي جوڙا
اورانگهن اوڙا - نه ٿيئـــدا بک بندوق جو

(401)

نيلم ناهي نانگ - جيئن تو لکيو لهر مان
مون پڻ وجهي ماٺ ۾، چوليءَ جو چلانگ
ايءُ سوايو سانگ - ڪارڻ آهي قوت جو

(402)

نانگ نه آ نيلم - جيئن تو لکيو لهر مان
پاڇي ۾ پربــت جـــي، وتو جر جنـــم
اِي ڪاسباٽو ڪم - ڪارڻ آهي قوت جو

(403)

مڙيوئي مانـــار - نيلـم آهي ننـــڊ ۾
نه ڪنهن لنگهندي لنگهه مان ڏنوسين ميهار
نه ڪنهن تڙ تنوار - نه ڪا سهٽي سير ۾

(404)

اسان سوريو ساز - پســي نيلم ننڊ ۾
سور پريوسين سير ۾، آلابـــي آواز
محبتي مجاز - ڏنوسي تنهن ڏيهه کي

(395)

ڀري هٿ بندوق - مروڻ کي موناڙ ۾
لنگهيو آهي لڪ ۾، ڪرڪتن کي ڪوڪ
مونسان آءُ ملوڪ - تہ سوڙ کي سوگهو ڪيون

(396)

هاري چڙدي هر - ٽپيا هن ٽڪر تان
ٽميان اٽن ٽم ۾، سگهارا سوڙ
گپيا ۽ گبر - وچر ٽيندا ويڙهه ۾

(397)

هر چڙدي هاري - لهي ويا لڪ ۾
وهاريو ٽن واند ۾، جو پوڻ مٿان پاري
جنگ رکي جاري - سڀئي سوپارا ٿيا

(398)

هاٽي چڙدي هر - ٽپيا ان ٽڪر تان
ويا آهيڙي آڪري، وانا وجهي ور
ويندا ۽ وچر - پاڳا ٽيندا پوڻ تي

(399)

چؤ - پيرو، چيو - آڱريو، پوائتو پوڙ
مازيو ڪنهن تہ مام سين، موٽي جيئي نہ موڙ
ڪري ڪوڙ، ڪوڙ - آهيڙي ٿيو اڳ ۾

(410)

نيلم! ڪـــر نہ ننڊ ـ پاسا ڪوڙ نہ پاھڻيـــن
جڏھن وڳا گهنڊ ـ سڌو وھنديءَ "سنڌ" ڏي

(411)

ھيءَ نہ اھڙي جوءِ جتہ اسانجا جهوپڙا
سيبائي نہ ساھہ ڪي، رت ـ ھاڻـــي روءِ
گل چٽي گل بوءِ ـ ماڻيان شال مليرَ ۾

(412)

ھاڏيارا! نہ ھلِ ـ سور! اسانجـــي سڌ ۾
لکين جيڏي لوڪ ڪان، ڪانہ اٿيئي ڪل
آھين پويون پل ـ پوَر اسانجي پورن تي

(413)

ٿيا سڏ ساٿيـــھہ جا، ھـــوتاڻي! ھلو
ڪوڪاري ڪتن ڪي، ڏيو گور گلو
سلو سوءَ پلو ـ جنھن رکيو پختو پاڙ ڪي

(414)

ننگا ۽ نانگا ـ ڏوٿي منھـــنجي ڏيھہ جا
چڏي نڪتا چيرين، پونـــگا ۽ پانگها
کھہ ميان، ڪانگا! خبر ڪاھوڙين جي

O

(405)

هت نہ لڳي هڪ - ٿڌي هير ٿرن جي
نڪو ڏت ڏهر ۾، نڪا پيٽم پڪ
منهنجو من منجهائيو، ڇپلن واريءَ ڇڪ
سندي مارن سڪ - ڪيئن لڪايان لوڪ کان

(406)

هيءَ نہ ڏسان ڏيهہ - جنهن ۾ واس واهار جو
ڇيو ڪنهن نہ چاهہ مان، وچ نہ ميان! ويهہ
ساريم سو ساڻيهہ - جت اسان جا جهوپڙا

(407)

اُٿي آرس ڀڃ - نيلم! چڏ ننڊن کي
سڪوندن جي سڌ تي، ور ڪڻندي وڄ
سنڌ ولائت سڄ - جت اُجارا جهوپڙا

(408)

نيلم! ننڊون چڏ - هل تہ هاڪاري ٿئين
جنکي اُڄ ازل جي، اُت تني کي اڌ
سڪوندن کي سڌ - تہ مارڳ موچاري ٿئين

(409)

هيءُ نہ اهڙو هنڌ - جت اسانجا جهوپڙا
ايندي ڪنهن نہ آچيو، مئخاني جو منڌ
پر کي ڏنم پنڌ - تہ ڪونهي ڏوهہ ڪلال جو

(419)

سچ ٻڌاءِ سنڌو! ڪير مٺا هن ڪن ۾
پاسن ڪان پاڻيءَ تي، اڙهي ٿو لھو
هتي هوبهو - ڪايا آهه ڪلاچ جي

(420)

سنڌ! سچ ٻڌاءِ - ڪير لٿا هن ڪن ۾؟
گھاتو هن گرداب جا، کھڙي تڙ ڪياءِ
مونکان ڪين لڪاءِ - اوپاهڪيءَ اڌ ڪي

(421)

سون - مياڻيءَ سڌ ٿيو، مڙني ملاحن
سڪ ڏي! سمونڊ تي، مانگر ٿا مڙن
ننڊيا، وڏا نڪرو، موڪيمو مياڻين
آهي ٻڙ اچن - جيڪي جر جڏا ڪيا

(422)

سڙهن، ساندارن - آڪاريا اٿاهه مان
هٽي هاڪارن - لڏو انت ڪلاچ جو

(423)

وريو جڏهن واءُ - ساڪا ڇنڊو سيڪو
هاڻي ڪاهه ڪلاچ تي، تون ناکئا! ڇوڙي ناءُ
دنگيءَ ۾ دريياهُ - وجهه ته وڻجارو ٿئين

سر گهاتو

(415)

چيچ ۾ قطاران - ڪاهه ته رسڻ ڪن ڪي
ڪنڌ مــچ ملاڪڙو، اچـي اوپـاران
مانگر جــون ماران - سهه تــه سوپارو ٿئين

(416)

چيچ ۾ چگهيرن - سڪاڻـــي! سموند تي
ٻڌو ڪـــڙو ڪن تي، اچــــي آگهڙين
هو کوها ٿا ڪٽن - تون سڌو رکـ سڪان کي

(417)

چگهيران چيچي - جنهن پوريو، سو پرزا ٿيو
ٻيڙي مٿـــي ٻـار ۾، ٻيس ٻيـــپ ٻچي
مٿي جر جهجي - ٿيـو ڪاٽيارو ڪن جو

(418)

چگهيران نه چيچ - هڻ تـه هاڪارو ٿئين
ريٺيءَ رتــو چاڙ ۾، ٻــرن سوڏو ٻيچ
متان آلهي سچ - ٿئين ڪاٽيارو ڪن تي

(430)

نينڊوءَ تي ناڪئا - آڏيءَ آڪاري ويا
سپن سچاتا - ماري هـنئا ميچ جا

(431)

اڻ - سونهان آڪرن - سونهان ساڏر پوڙيا
اِها سرت سرير جي، مـــوڙها پل مچن
لهرون سي لنگهن - جن ڪي سڌ سمونڊ جي

O

(424)

اوڀاهين جي اڍ - ڪر تہ اَڪرين ڪن مان
ونجهہ هلائـــي وڍ - مانگر ڪـــي مهراڻ ۾

(425)

”موڪيو مياڻيون - ڪري ڪاهہ ڪلاچ تي“
واڪـــا ڪـــن ورن ڪـــي، مڙئي مهاڻيـــون
ناريون، نياڻيون - جهـــپ ڪري جاڳي پيون

(426)

گهاتو سڀ گهڙنـــدا - ڪاهي ٻيڙا ڪن ۾
سڄي رات سموند تي، ويريءَ سان وڙهندا
چنڊ لٿي چڙهـــندا - اَڪـــاري اٿاهہ تي

(427)

گهڙ اُتان گهاتو! جتان اولڻ آب جو
ڏمر جي ڏاتو! ڪاهہ تہ اَڪرين ڪن مان

(428)

گهاتو گهڙ اُتان - جتان پاڻي ڪن جو
گهتن تي گهتان - هـڻ تہ هاڪارو ٿئين

(429)

گهڙندا گهاتوئڙا - ڪاهي ٻيڙا ڪن ۾
مٿي ڪن ڪڙا - هڻندا ڪري هوڪرا

(436)

ڇڙ تون ڪيئن چارڻ! هنئين سئن سريءَ جي
جي تو سڌ سڪڻ جـــي، آڪري وڃ آرڻ
ٻار نہ سي ٻارڻ - جن ڏنيءَ ســـر ڏياچ جو

(437)

چارڻ چيو تني! "آءٌ سوالـــي سر جو"
اسان آن مـــهـل هو، پيتـــو سرو پي
ايندي مڌ آچـــيو، اسان آنهـــيءَ کي
ڇڪيءَ کي ڇڪندي - چارڻ ٻڌو چنگ کي

(438)

چارڻ! تون چريو - ڪوڙو تنهنجو ڪينرو
اڃان ڪيـن اندر ۾، ٻـــارڻ ڪـو ٻريو
ڪئين سو ڪير ڪريو - سرجيو جو ساٿيھہ ۾

(439)

ٻار نہ ايئن ٻجل - چوري تند ڪماچ جي
اڇوڪي انسان جي، ڪوري وجهہ نہ ڪل
اسانجي اهـــل - سک تـہ سوپارو ٿئـــين

(440)

مون ۾ آهہ مٿي - مان مٿيءَ جـــي گود ۾
چارڻ! تنهنجـــي چنگ ۾، ٻولـــي آهہ ٻٽي
ڇڙ ڪا ڳالهہ چٽي - يا پيچ اسانجي پوندہ تان

سر سورٺ

(432)

چارڻ! چؤ تون ڪيئن - هٿين سٿن سريءَ جي
مڱڻا! هن مهاڳ جا، ساھ نه سرچن ايئن
هڻ هٿن ڪي هيٺن - ته سرجي رت سرير ۾

(433)

چارڻ ٿي چيو: آءٌ سوالي سر جو
راور منگي رت جو، ڪينر ڪچ ڪيو
ٻوياڙيءَ پيو - ٿو ڪوري پنهنجو ڪينرو

(434)

چارڻ ٿا چون: ڏمريا آهن ڏياچ تي
رون رون تي رت - چاڻ جي، ويٺا هام هڻن
آرڻ جي اُٿن - ته هرڪو هاڪارو ٿئي

(435)

چارڻ! چؤ ڪيئن تون - هنئين سٿن سريءَ جي!
راور منگي نه رت جو، ٻاگهياڻي جا ٻون
جيڪي چيو مون - سچ ته موچارو ٿئين

سر سارنگ

(443)

مجر جي مروڙ - هر ڪنهن ڏاڻو هٿ ۾
ڏوٿيئن ڪيا ڏٿ جا، ڳرا ميڙي ڪوڙ
ناڪيليون نيون ڪري، وينا جوڙن موڙ
اِن جهڙ سنڌيءَ جوڙ - سانگين ڪي سرهو ڪيو

(444)

سارنگ سڌ سٽي - وٺو ساريءَ سند تي
ڪوڙ ڪيائون ڪيت ۾، للر ڪي اٿي
ڏوٿي ڏهر ڏٿ جا، چون ٿا چٽي:
اجرڪون آئي - آئيو سچي سٽ جون

(445)

سارنگ ڪري ساڻ - آيو آج ازل جي
برسي ساريءَ پونءَ تي، پسايائين پاڻ
مڙيوئي مانداڻ - اوبارو هو اج جو

(446)

ڪتيو ڪاتارا! سچا ڦورا سٽ جا
اُتران ڪڪر آپ مان، ڏنا ڏيڪارا
اڙي، آسارا! لاهه نه آگم آسرو

(441)

اڳي هيءُ آواز - سڻيو ڪنهن نہ سنڌ ۾
ساڳو آهي ساز - پر آهي هاڄ هٿن جي

(442)

اڳي هيءُ آلاپ - سڻو ڪنهن نہ سنڌ ۾
مٽان هي ميلاپ - طالب هجي تند جو

O

(452)

هالارن هن سال - ڏني سڌ سڪار جي
ونين ويس ڪٺوريا، موتئي جي مثال
ڇوڙيلين جي چال - سٺ لڪائي سونهن تي

(453)

ڇوڙيلين ڇوليون - ڪيئن رنگايون رت ۾!
نڪي بوءِ بدن جي، نه اُني جون اوليون
ساهيون سينگ ڪمان ڪي، يا ڪتن ڪي ڪوليون
ڀيهر جيئن ڀوليون - ڀڏو ڀاجهارن جون

(454)

اوتي ٿو اتر - مٿان ڇانو نه ڇپرو
ٻاهر ٿڙڪو ٿڌ جو، اندر ۾ اوپر
ماڻهن ليکي جر - پر اصل ڇر ڇمار جي

(455)

ڇيو ڇوڙيلين: "هن ٿر وٺا مينهڙا"
جهڙا ڍهر ڍيهه جا، تهڙي سونهن سندن
جڙهن تڏهن جن - ٿورا ڳاتا ٿر جا

(456)

الا! اونڌي ڪنڌ - آڇين تنهنجو آسرو
وسي پؤ ولهار تي، هيڪاندو هر هنڌ
بوندون ڪر م بند - ته لهي اڄ اروڙ جي

O

(447)

ڏنو ڏيکارو - اچـــي جهڙ آتر ڪان
اٿس اڄ اچن تي، وســڻ جو وارو
هي تڙ تاسارو - ڏهر پريندو ڏيهه جا

(448)

پاڻ نٿو رولي - سنگهارن جي سڪ ۾
آجو پاڻ ازل جو، ٿو گهوناٽا گهولهي
ڇپر ڇاڇولي - اُجهائي ويـو اڄ ڪي

(449)

وانگين تي وسندو - آتران اوهيرا ڪري
پري جهوليون پرت جو، سنگر ڪي سنبو
اسر ڏئي آئبو - دلـبر پنهنجي ديس ۾

(450)

بادل ٿا برسن - ساري هـــن ساڻيهه تي
اچن ڪارڻ اپ ۾، چـــتيا چٽ اٿن
ڇيو ڇوڙيليـن - "ٿر بر وڻا مينهـــڙا"

(451)

چون ڇوڙيليـون - ٿر بر وڻا مينـــهڙا
ڪيون آهن ڪيچ تي، بابيهن بوليـون
پري آيون پرت جون جهانگياڻيون جهوليون
مورا ء لوليون - مـارن گاتا ماڳ ۾

(461)

جي آجهل تون ارغون - ته آءٌ به سوڍو سنڌ جو
سو کپائيج خون - جو موڳـــا موٽائي سگهين

(462)

پلي پاڳا ٿيءُ - مارن ۾ مليـر تان
اصل اٿئي ايءُ - آکيرو ارواح جو

(463)

پاڳا ٿيو بلال - تون کانــڌر! ڦرين کـاڄ ۾!
کهڙو کٽي کنـــڌ تو، ههـڙو پسي حـــال
ڇڳيـــراٽو ڇـال - مار تـــه موچارو ٿئيـــن

(464)

پبر، دل، شورا - سوڍا پٽ ساٽيهه جا
ڏنا اتـــن ڏيـهه ۾، شهيـــگي ڇورا
کنڌ کٽي کورا - پيا کاهي پڙ ۾

(465)

شورا، پبر، دل - سوڍا پـــٽ ساٽيهه جا
کري کان هٿن ۾، هٿن ڏئي هکل
کوڙ لکـائي کل - پاڙيتـــو پڄي ويا

(466)

منڱ ۽ محمود - سوڍا پٽ ساٽيهه جا
کهي ڇڏيائون کيترا، ارغوني انود
دل دکلائي دود - پيــا کاهي پڙ ۾

سر ڪيڏارو

(457)

ٽڙي ٽي ٽلٽي - اٽس بار بلال جو
اجهو ٽيو ڪلٽي - ڪانئر اِنهيءَ ڪنڌ ۾

(458)

وڇي ڇام ڪنگهار - اڳ ڪيڙيو ارغون جو
ساموئيءَ جي سڪ ۾، ڀڪيو آ ڀيهار
جنگ ڪٽي جهونجهار - شهه ڏيئي شهبيگ کي

(459)

جنبو جاڙيجا! آٿو بار بلال جو
ساموئي جي سوپ جي، خبر آئي آ
ننگر ڏومڙيا - آيا سڌ سائيهه جا

(460)

اُمرائيءَ آپار - ارغونسي اوري چڙيا
جهولايو جهالار ۾، ٻلاول جي بار
وهيو آٽس وڍ مان، لهو ڪري لار
ڪري رڻ ڪنگهار - اُڌيڙيو ارغون کي

(472)

پڇين ڇو پاڪي؟ پيچ مٺڪي ڪي مڪ سان
ڪر نہ اهڙي ڪند جي، "بيوس" ٻيباڪي
ڪولي ڇڏ خاڪي! سرويچاڻيءَ سگهہ ڪي

(473)

ڪيئن پڇين تو ڪات؟ ميانڙيءَ جي ميدان ۾
اسان واريءَ اڌ ۾، روا ناهہ روات
ڳائي راڳ ڪنيات - پيچ مٺڪي ڪي مڪ سان

(474)

ڪانهي کهاڙي - پيچ مٺڪي ڪي مڪ سان
ٻلاڪيءَ ڀونءِ تي، پر نہ تو پاڙي!
هٿل سان هاڙهي - ڪير تہ سونهين ڪاج ۾

(475)

ڪوهہ ٻچين ڪاتي؟ پيچ مٺڪو مڪ سان
وڙهندي هن ويڙهاند ۾، ڇپر ڪر ڇاتي
پڙ ۾ پرياتي! هٿ تہ هاڪارو ٿئين

(476)

ساريان ويٺي سي - جن جي تاب ترار ۾
پرهہ لٿا پڙ ۾، جتين ٻنا جي
ڏيهہ! تني ڪي ڏي - اڃان سگهہ سرير ۾

(467)

شورا، ٻيڙ، دل - سودا پٽ ساٿيهہ جا
آيرا ڀانءِ نہ ابڙا، جاڙيجا جبل
آندو ٽُٽي اجل - ڀاڙيتا! هن ڀونءِ تي

(468)

ڀڄي ٿو بيروت - سڪنهن وائي سوپ جي
ڪونهي اِن قطار ۾، ڪو آديسي اڇوت
هو ڏس! سڙيل توت - جنهن ۾ بوءِ بهار جي

(469)

ڀڄين ٿو بيروت - للڪاري لبنان ڪي؟
مٿو آهي ماءُ جيان، سر جو هڪ هڪ سوت
تو جو وڍيو توت - آ ڀرم هن بيروت جو

(470)

ڪان ڪري ڪڙڪو - نيٺ لڳو نيشان تي
جو سڌو نڪتو سينگ مان، سو ڇو نہ ڪري ڇمڪو
ماريءَ جو مڙڪو - ڀڳائين بيروت ۾

(471)

ڪان ڪري ڪڙڪڙ - نيٺ لڳو نيشان تي
مٿان مارين ڪو ٻيو، رڻ مان آئي رڙ
جيڪي هيس هڙ - سو - ويريءَ خون وهائيو

(482)

آل - بروهي! اڄ - لا ڪيٽي لبنان ۾
ممتا سندي مچ ۾، نانگا ٻيهي نچ
پاڻ ملهائي پيچ - تہ اوڏو ٿئين امڪان کي

(483)

الا! آل بروهہ جو، نہ پتو، نہ پاند
ڪاڏي ويئي ڪامڻي، ڪاڏي ويو ڪاند!
وٺي ڪير پلاند - تاسارن تڙن جو

(484)

اڄهو مون احوال - آندو آل - بروهہ جو
ڏسي آيس ڏيهہ ۾، جنهن تنهن کي جلال
ڪرنهي اُن ڪنڌيءَ تي، ماڻهءَ جو مثال
قبوليو ڪمال - مانارا موتي ويا

(485)

ادا! آل - بروهہ جو، آهي ڪو اهڃاڻ؟
پيريل ڪنهين پت ڪان، ڪنهن نہ پسادو پاڻ
وتيو ڪنهن نہ واڻ - آئي ڪابہ نہ ائٽ تي

(486)

نہ جهرن نہ جهڻڪن، نہ سي ڪن سرچاءُ
سوريءَ واريءَ سٽ ۾، ڪو نہ جني کهڪاءُ
مون سي ڪيا ماءُ! سيڻ مٿائي سپرين

(477)

محرم جي آئي - اسان تيــر تڪا ڪيا
لڪي هن لڪن مان، ٿو ويري واجهائي
اچي اُچائي - ته لاهيون بار بلال جو

(478)

محرم آ مون وٽ - توکي اُلڪو عيد جو
خوشيءَ ۽ خريد جو، سانگ سمورو سٽ
آءُ اسان جي هٽ - ته ڏجي تيڪ ترار کي

(479)

محرم هاريا مٽ - رات ٻه ربنې رت جا
خوشيءَ ۽ خوشبوءِ جا، آءُ ته کوليون هٽ
ساهن ڪاڏي سٽ - پسي تاب ترار جو

(480)

الا! آل - بروهه - ملي جــي محمود کي
ڏهر ٽـڙن ذات جا، لنــگ وسارن لوهه
ممتا سندو موهه - جيئن پڄي، تيئن پختو ٿئي

(481)

آل - بروهي! آءُ - ته ڪٿون پيرو پره جو
جيڪا رت رابيل جي، جنهن کي آهه جتاءُ
وريو آهي واءُ - آءُ ته آگاهــي ٿيون

لطيف ڏانهن

(492)

لات لطيفي مون - ڳاتي ويٺي ڳجهه ۾
ويو وچان نڪري، ميان! مون ۽ تون
لوچي لڌوسون - لطف ساڻ "لطيف" کي

(493)

مون لطيفي لات - ڳائي ڏٺي ڳجهه ۾
وڻي سا وچن ۽ جو، مونکي ڪري مات
تڏهن منهنجي ۽ ذات - لڌو پيرو پاڻ مان

(494)

لوء لطيفائي - جوتي جهاڳي آئيا
تني سندي تڪئي، آڳ نه آجهائي
پاڻ ڪري پائي - اوتين ويٺا اَج تي

(495)

لات به لطيفي - سر به سرجڻهار جو
پڄي تن پورا ڪئي، ڪايا ڪوڙ سندي
ٻولي هئي ٻن جي - پر هن پيري هڪ تي

(496)

لات لطيفـائي - سٽيم ويٺـــي ساز تي
وڳي تند وجـود ۾، مرڪي ميائـــي
نوري ۽ پاتي ناز مان، چولي چڪ - هائي
راڻ وٺـــي راڻي - ٽيو سـٽائو سير تي

(487)

ننگا نڪرندا - ڏوٽي منهنجي ڏيهہ جا
متارا مٿن ڪسي، للر جيئن لٿندا
ويرين تي وسندا - گولا ٻڌجي گئس جا

(488)

ننگا تي نڪتا - هٿين چڪ هٿن ۾
ڏيئي لڳيون ڏرتيون، ڪيا وڄ ڪڙڪا
ويريءَ تي ونا - گولا ٻڌجي گئس جا

(489)

اکيون آمازيون - لنگ گڏيائون لوهہ ۾
ڪري نڪتا ڪيترا، چولا چيهاڙيون
ڪلهين ڪهاڙيون - سوڍا هوندا سنڌ جا

(490)

اِجهو پئي اچان - جهپ ڪري هن جاءِ ۾
ڏنا نيٽن ننڊ ۾، ماڻهو لوهہ - لنگان
چڙهيا پئي چوٽيون، واري سان
اکيون جو پٽيان - پريم سرڪيون سوپ جون

(491)

سين ڳاڙها هٿ - سين ڪات ڪلهن تي
وڇڻ جو ويڙهاند ۾، سٽي ڪيائون سٽ
ڪانہ هئي ڪٿ - هو نظارو نينهن جو

O

سنگم پبلیکیشنس جا ڇپايل ڪتاب

١- آرزو	[مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون	ختم
٢- سپنا	”	”
٣- اسڪاء ليب	”	٦-٠٠
٤- سنگم	”	٦-٠٠
٥- ماڻڪ موتي	”	٦-٠٠
٦- صبح ازل	”	٦-٠٠
٧- امنگ	”	٦-٠٠
٨- تخليق جو سوت	”	ختم
٩- ليڊر جو عشق	”	”
١٠- آب حيات	”	٦-٠٠
١١- مامتا	”	ختم
١٢- سالگرهه نمبر	”	”
١٣- من تنها منزل دور	”	١٥-٠٠
١٤- سندري اتمچندائي جون شاهڪار ڪهاڻيون		ختم
١٥- قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون		”
١٦- سنڌو (انڊيا جي برک سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون)		١٢-٠٠
١٧- جڏهن پون ٻه ٻمي (شاعري) تاجل بيوس		ختم
١٨- انبن جهليو ٻور (شاعراڻو نثر) تاجل بيوس (ٻيو ڇاپو)		١٢-٠٠
١٩- سنڌ جي سياسي جدوجهد ڊاڪٽر محمد لائق زرداري		ختم
٢٠- حمل فقير (چونڊ مضمون)		ختم

(497)

لطيفائيءَ لوءِ - رات پنيءَ راهي ٿيا
چني ساڪا سڙهه جا، ستي لوڪ سپوءِ
آڪرندي اوڙاهه ڪي، پاڻ نه ڇڏيئون پوءِ
سچ آندائون سوءِ - جنهن تي ڪٽ نه ڪوڙ جي

(498)

لطيفائيءَ اوءِ - رات پنيءَ راهي ٿيا
چڙهندي لڪن چوٽيون، پاڻ نه ڇڏين پوءِ
جنهن سچ پويان جهور ٿيا، آندائون آهوءِ
سين ڪينر سوءِ - جنهن تي ڪٽ نه ڪوڙ جي

(499)

پٺائي ۾ پون - پٺائيءَ وچ ۾
روڳي! راهه ڪنگهار جي، تري پٽ ۾ تون
جڙون جنهن جي جيءَ ۾ جاڙي جبل جون
متان چوين مون - بولن ڪي ٻاڙو ڪيءِ

(500)

چنگ جڏهن چوريو - مون لطيفيءَ لات جو
ڪڍي پنهنجو ڪينرو، ساميءَ پڻ سوريو
"بيوس" بلي شاهه تان، پاڻ پٺي گهوريو
سچوءَ سندي سچ ڪي، اثباتن اوريو
ڪبيرڻ ڪوريو - نفيءَ جي ناسور ڪي

O

٢١- ڪنواري ڌرتي ٢٠-٠٠

ليکڪ: ليونڊ بريزنيف، سنڌيڪار: منير چانڊيو

٢٢- هر دل اندر هڪ ڪربلا (ڪهاڻيون) خالد سنڌي ٢٠-٠٠

٢٣- سگهارو هماليا هيٺا ماڻهو ف-م لاشاري ١٢-٠٠

[نيپال جو سفرنامو]

٢٤- نه مرڻ جو ڏک (ڪهاڻيون) ايشور چندر ١٠-٠٠

٢٥- سرجيندڙ ساٿيهه جا (بيت) تاجل بيوس ١٢-٠٠

جلدي ايندڙ ڪتاب

نائجيرين (آفريڪا) ناول The Undesireable Elements جو ترجمو

سنڌيڪار: غلام قادر سومرو

اڇو پاڻي لڙ ٿيو [ڪهاڻيون] تاجل بيوس

شاهه لطيف صدين کان [تحقيق] ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

سنڌ تي ڌارين جو ڪاهون

۽ سنڌي جرنيل [تاريخ] پروفيسر قريشي حامد علي خانائي

بليڪ باس (جاسوسي ڪهاڻيون) م-ص-علي

انداز مغربي- ماحول مشرقي

گهرائڻ لاءِ لکو:

سنگم پبليڪيشنس

٣٧- يوني پلازا، آءِ- آءِ- چندريگر روڊ،

ڪراچي - سنڌ.


۸۴-۹-۲۲